روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) خميس 08 فيبروري 2024 ع بمطابق 27 رجب المرجب 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 254

چونڊن کان هڪ ڏينهن اڳ بلوچستان جي ٻن ضلعن ۾ ڌماڪا، 25 ڄڻا مارجي ويا، ڪيترائي زخمي

پهريون ڌماڪو بلوچستان جي ضلعي پشين جي علائقي خانوزئي ۾ ٿيو، 15 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته ٻيون ڌماڪو قلعه سيف الله ۾ جي يو آءِ (ف) جي آفيس ٻاهران ٿيو جنهن ۾ 10 ڄڻا مارجي ويا

خانوزئي ۾ ٿيندڙ ڌماڪي کان پوءِ علائقي ۾ بيٺل موٽر سائيڪلون تباهه ٿي ويون، ڌماڪي جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو زخمي به ٿيا، جڏهن ته 15 ڄڻن جي مارجي وڃڻ جي تصديق به ڪئي وئي

ڌماڪي کان پوءِ 15 ڄڻن جا لاش ۽ 30 کان وڌيڪ زخمين کي اسپتال آندو ويو آهي جن مان ڪيترن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي: خانوزئي اسپتال جي ايم ايس جي تصديق

ڌماڪو عام چونڊن ۾ حصو وٺندڙ اميدوار ۽ اڳوڻي وزير اسفنديار ڪاڪڙ جي آفيس ٻاهران ٿيو، پر اهو ان وقت آفيس ۾ موجود نه هو، علائقي ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهو موجود هئا

ٻارت عالمي دهشتگرد آهي، اهي ساڳي ئي ماڻهو آهن جيڪي مچ واري واقعي ۾ ملوث رهيا، واقعن ۾ زخمي ٿيندڙن کي علاج لاءِ ڪوئيٽا نيو پيو وڃي: جان اچڪزئي

صدر، نگران وزيراعظم، چيف اليڪشن ڪمشنر، نوازليگ جي صدر شهباز شريف، اڳوڻي صدر آصف علي زرداري، نگران وڏي وزير مقبول باقر ۽ صوبائي نگران وزير محمد احمد شاهه پاران واقعي جي مذمت

ڪوئيٽا (م ر د) چونڊن کان هڪ ڏينهن اڳ بلوچستان جي ٻن ضلعن پشين ۽ قلعه سيف الله ۾ 2 ڌماڪا ٿيا آهن جنهن جي نتيجي ۾ 25 ڄڻا مارجي ويا آهن جڏهن ته ڪيترائي زخمي ٿيا آهن پوليس موجب پهريون ڌماڪو بلوچستان جي ضلعي پشين جي علائقي خانوزئي ۾ ٿيو جنهن ۾ 15 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته ٻيون ڌماڪو قلعه سيف الله ۾ جي يو آءِ (ف) جي آفيس ٻاهران ٿيو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

پشين: ڌماڪي واري جاءِ تي تباهه ٿيل گاڏيون بيٺل آهن

پي ٽي آءِ اڳواڻ راجا بشارت جو پاءُ نوَمئي واقعن ۾ سلطاني شاهد بڻجڻ لاءِ تيار

اسلام آباد (م ر د) نوَمئي سانحي جو هڪ ٻيو جوابدار گرفتار ڪيو ويو آهي جيڪو سلطاني شاهد بڻجڻ لاءِ به تيار ٿي ويو آهي. پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي صوبائي وزير راجا بشارت جي پاءُ راجا ناصر کي ڪالهه شام راولپنڊي پوليس گرفتار ڪري ورتو. راجا ناصر تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

12 ڪروڙ 79 لک 21 هزار 49 پاڪستاني پنهنجي ووٽ سان ايندڙ 5 سالن لاءِ نئين قيادت چونڊيندا

قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي 855 تڪن ۾ قائم 90 هزار 675 پولنگ اسٽيشنز ۽ 2 لک 66 هزار 389 پولنگ بوٿن ۾ 14 لک 90 هزار چونڊ عملو پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏيندو

پولنگ صبح جو 8 وڳي کان بنا ڪنهن وقفي جي شام 5 وڳي تائين جاري رهندي، اسلام آباد مان قومي اسيمبلي جون 3 سيٽون آهن جن تي 10 لک 83 هزار 29 ووٽرز پنهنجي نمائندن جي چونڊ ڪندا

پنجاب مان قومي اسيمبلي جي 141 ۽ پنجاب اسيمبلي جي 296 سيٽن، سنڌ مان قومي اسيمبلي جي 61 ۽ سنڌ اسيمبلي جي 130 سيٽن تي پنهنجي نمائندن جي چونڊ لاءِ ووٽرز پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندا

خيبرپختونخوا مان قومي اسيمبلي جي 44 ۽ صوبائي اسيمبلي جي 113 سيٽن تي ۽ بلوچستان مان قومي اسيمبلي جي 16 ۽ صوبائي اسيمبلي جي 51 سيٽن تي اميدوارن ۾ مقابلو ٿيندو

سڄي ملڪ ۾ 16 هزار 766 پولنگ اسٽيشنون انتهائي حساس، 29 هزار 985 حساس جڏهن ته 44 هزار 26 پولنگ اسٽيشنون نارمل قرار، پنجاب ۾ 5 هزار 624 پولنگ اسٽيشنون حساس ترين قرار

سنڌ ۾ 4 هزار 430 پولنگ اسٽيشنون انتهائي حساس قرار ڏنيون ويون آهن جتي في پولنگ اسٽيشن تي 8 اهلڪار مقرر ڪيا ويندا، اليڪشن ڪميشن طرفان اڄ سڄي ملڪ ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو

اسلام آباد (م ر د) پاڪستان ۾ عام چونڊن لاءِ پولنگ اڄ خميس تي ٿيندي، 12 ڪروڙ 79 لک 21 هزار 49 رجسٽرڊ ووٽرز 17 هزار 758 اميدوارن مان قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي 855 تڪن ۾ پنهنجي نمائندن جي چونڊ ڪندا. قومي اسيمبلي جي هڪ ۽ صوبائي اسيمبلين جي ٽن تڪن سميت 4 تڪن جي اميدوارن جي لاڏاڻي سبب پولنگ ملتوي ڪئي وئي آهي. سڄي ملڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ملڪ ۾ اليڪشن لاءِ سڪيورٽي پلانز کي قطعي شڪل ڏني وئي آهي: ممتاز زهرا بلوچ

پاڪستان قانون جي حڪمراني ۽ بنيادي آزادين جي تحفظ جو پوري طرح عزم رکي ٿو

بنيادي آزادين جي ضمانت ملڪ جي آئين ۽ قانون ۾ ڏني وئي آهي، شڪايت جي صورت ۾ قانون موجود آهي

اسان جو عدالتي نظام منصفاڻو ترائل ڪندو آهي، پاڪستان هڪ گڏيل جمهوري عمل کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پرعزم آهي

اسلام آباد (م ر د) پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو آهي ته ملڪ ۾ اڄ اليڪشن لاءِ سڪيورٽي پلانز کي قطعي شڪل ڏني وئي آهي، پاڪستان هڪ گڏيل جمهوري عمل کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پرعزم آهي، پاڪستان قانون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ملتان: چونڊ عملو چونڊن جو سامان ملڻ کان پوءِ پولنگ اسٽيشن تي وڃڻ جي تياري ڪري رهيو آهي

نئين سوچ سان وزيراعظم بڻجڻ چاهيان ٿو: بلاول ڀٽو زرداري

نواز شريف منهنجي مناظري ۽ ڀيٽ جي چئلينج کي قبول نه ڪيو، جنهن تي افسوس آهي

مان ملڪ کي شهباز شريف جيان نٿو هلائڻ چاهيان، اسان قوم جي مفاد ۾ شهباز شريف کي وزيراعظم بڻائڻ جو فيصلو ڪيو

اسان سچائي سان 16 مهينا عوام لاءِ ڪم ڪيو، پاڪستان جو وڃايل مقام واپس آڻڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته مان نئين سوچ سان وزيراعظم بڻجڻ چاهيان ٿو. نجي ٽي وي چئنل سان خاص گفتگو ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته نواز شريف منهنجي مناظري ۽ ڀيٽ جي چئلينج ک/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پولنگ واري ڏينهن سياسي جماعتن ۾ ٽڪراءَ جا اطلاع آهن، پوليس الرٽ آهي: آءِ جي سنڌ

آءِ جي سنڌ ڪامرس ڪاليج پي آءِ ڊي سي جو دورو ڪري چونڊن جو سامان رسائڻ جي انتظامن جو جائزو ورتو

اڄ پرامن چونڊون يقيني بڻائينداسين، اڻٽندڙ صورتحال پيدا ٿيڻ تي پوليس ۽ رينجرز 5 منٽن اندر پهچي وينديون

ميرپورخاص ۾ هڪ اميدوار تي فائرنگ ڪئي وئي هئي پر ڪيس گولي نه لڳي، قانون هٿ ۾ کڻندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) آءِ جي سنڌ رفعت مختار چيو آهي ته پولنگ واري ڏينهن سياسي جماعتن ۾ ٽڪراءَ جا اطلاع آهن پر پوليس جون تياريون مڪمل آهن، سڀائي سموري صوبي ۾ پرامن چونڊون يقيني بڻائينداسين، اڻٽندڙ صورتحال پيدا ٿيڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ميڊيا سهولت سينٽر جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي

پنهنجي نمائندن جي چونڊ عوام جو حق آهي، اسان عوام سان گڏ بيٺل آهيون: مرتضيٰ سولنگي

سمورن خدشن ۽ افواهن کي پٺتي رکندي چونڊون ٿي رهيون آهن، ڪنهن به سبب جي ڪري اسان جو حوصلو ڪمزور نه ٿيو

پاڪستان جي عوام دهشتگردي جي خلاف ڏکي جنگ وڙهي آهي، ڪير به اسان کي پنهنجي ان جمهوري عمل کان نه ٿو هٽائي سگهي

هي ملڪ آئيني جمهوريت تحت قائم آهي، آئيني وفاقي پارليامانِي نظام اسان جي سياسي نظام جو بنياد آهي: ميڊيا سينٽر جي افتتاحي تقريب کي خطاب

اسلام آباد (م ر د) اطلاعات، نشريات ۽ پارليامانِي معاملن واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: چونڊن کان اڳ پولنگ اسٽيشن تان بيلٽ پيپرن جا دٻا گم هجڻ جو انڪشاف

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي چونڊن کان اڳ ڌانڌلي ۽ بي ضابطگي جي حوالي سان صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سعيد غني جو پريزائيڊنگ آفيسرن جي تبديلين تي ڳڻتي جو اظهار

تڪ اين اي 237 ۾ چونڊ کان اڳ پريزائيڊنگ آفيسرن جي تبديلن تي ڳڻتي آهي: سعيد غني

چونڊن کان هڪ ڏينهن اڳ رات دير سان ڪنهن جي چوڻ تي تبديلي ٿي؟ بلليون شفاف ۽ اڻ ڏرين چونڊن جي رستي ۾ رڪاوٽ آهن

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ سعيد غني چيو آهي ته ڪراچي جي تڪ اين اي 237 ۾ چونڊ کان اڳ پريزائيڊنگ آفيسرن جي تبديلن تي ڳڻتي آهي. پنهنجي بيان ۾ سعيد غني چيو ته بدايو وڃي چونڊن کان هڪ ڏينهن اڳ رات دير سان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪوئيڪ ريسپانس فورس جا هڪ لک 6 هزار 942 اهلڪار مقرر

23940 اهلڪار مستقل طور اليڪشن دوران ڊيوٽي انجام ڏيندا

فوج ۽ سول آرمڊ فورسز جا 130882 اهلڪار اليڪشن ڊيوٽي تي مقرر هوندا

اسلام آباد (م ر د) عام چونڊن جي سلسلي ۾ سڄي ملڪ ۾ ڪوئيڪ ريسپانس فورس جا هڪ لک 6 هزار 942 اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. 23940 اهلڪار مستقل طور اليڪشن دوران ڊيوٽي انجام ڏيندا. پاڪ فوج ۽ سول آرمڊ فورسز جا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اليڪشن جي ڏينهن انٽرنيٽ سروس بند نه ٿيندي: پي ٽي اي

چونڊن جي ڏينهن صارفين کي انٽرنيٽ جي سهوليت ميسر هوندي

انٽرنيٽ سروس بنا ڪنهن رنڊڪ جي جاري رهندي: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (م ر د) پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) چيو آهي ته اليڪشن جي ڏينهن سڄي ملڪ ۾ انٽرنيٽ سروس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اليڪشن ڪميشن جي سيڪيورٽي بيٽي پوليس ۽ ايف سي مقرر

اسلام آباد پوليس، ايف سي جي واڌو نفري سيڪيورٽي لاءِ پهچي وئي

ڪميشن ۾ ايندڙ اڻ لاڳاپيل ۽ شڪي ماڻهن تي نظر رکي ويندي

اسلام آباد (م ر د) عام چونڊن جي سلسلي ۾ اسلام آباد پوليس اليڪشن ڪميشن جي سيڪيورٽي سنڀالي ورتي. اليڪشن ڪميشن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

ڪراچي: پوليس جي وڏي نفري اليڪشن ڊيوٽي تي هجڻ سبب بدترين ٽريفڪ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ پوليس جي وڏي نفري اليڪشن ڊيوٽي تي هجڻ سبب شهر ۾ ٽريفڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

اليڪشن ڪميشن پاران چئني صوبن جي اليڪشن ڪمشنرن کي خط

ڪين ميڊيا جي نمائندن کي چونڊن بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ جو حڪم

ڪمشنرز ۽ ترجمان لاڳاپيل صوبن جي ميڊيا ٽيمن سان باقاعدگي سان رابطو ڪن

اسلام آباد (م ر د) اليڪشن ڪميشن پاران چئني صوبن جي اليڪشن ڪمشنرن کي خط لکي ڪين ميڊيا جي نمائندن کي چونڊن بابت ڄاڻ فراهم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: محمود آباد گجر نالي ۽ اورنگي نالي جي متاثرن کي معاوضو ۽ گهر ڏيڻ جي ڪيس جي ٻڌڻي

بنيادي ڪيس نه ٻڌي رهيو آهيان جنهن ڪري توهين عدالت درخواست جي ٻڌڻي نٿو ڪري سگهي: جسٽس منيب

نئين بينچ جوڙڻ جي درخواست چيف جسٽس ڏانهن اماڻي وئي آهي، اڄ بينچ جوڙڻ جو امڪان آهي: جسٽس محمد علي مظهر

گجر، محمود آباد ۽ اورنگي نالن جي متاثرن پاران سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ٻاهران احتجاجي مظاهرو

سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ گجر، محمود آباد ۽ اورنگي نالن جي متاثرن کي معاوضو ۽ متبادل گهر ڏيڻ بابت ڪيس ۾ اڳوڻي وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ ٻين خلاف توهين عدالت درخواست تي ٻڌڻي ٿي. سپريم ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

موجوده ملڪي حالتن ۾ ن ليگ ۽ پي ٽي آءِ باني جو حصو برابر آهي: شرجيل ميمڻ

ن ليگ جي قيادت چاهي ٿي ته مخالفن جا هٿ پير ٻڌا وڃن، چاهين ٿا ته رڳو انهن کي چونڊ وڙهڻ جو موقعو ملي

ن ليگ وارا چاهين ٿا ته اڪيلي گهوڙي جيان ميدان ۾ لهون ۽ کٽيون، ن ليگ ملڪي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو

ادارن کي تباهه ڪرڻ ۽ چونڊن کي سدائين تڪراري بڻائڻ ن ليگ جي تاريخ آهي: جاري ڪيل بيان

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ شرجيل ميمڻ چيو آهي ته موجوده ملڪي حالتن ۾ ن ليگ ۽ پي ٽي آءِ باني جو حصو برابر آهي. پنهنجي بيان ۾ شرجيل ميمڻ چيو ته ن ليگ جي قيادت چاهي ٿي ته مخالفن جا هٿ پير ٻڌا وڃن. چاهين ٿا ته رڳو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

بالو جا قبا: اڳوڻو صدر آصف علي زرداري والده جي قبر تي فاتحه خواني ڪندي

بلاول جي شهيدن جي مزارن تي حاضري، دعائون گهرندو رهيو

بلاول ڀٽو زرداري ڪلاڪن جا ڪلاڪ شهيد بينظير ڀٽو جي مزار تي ويٺو رهيو

هن 18 آڪٽوبر سانحي جي گمنام شهيدن جي قبرن تي پڻ حاضري ڀري

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊن کان اڳ هڪ ڏينهن اڳ ڳڙهي خدا بخش ۾ شهيدن جي مزارن تي پهچي ويو. بلاول ڀٽو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڳڙهي خدا بخش: پ پ اڳواڻ آصفه ڀٽو زرداري شهيد بينظير جي مزار تي حاضري ڀريندي

بلوچستان ۾ دهشتگرد حملا، صوبائي حڪومت پاران 3 ڏينهن سوگ جو اعلان

واقعن ۾ زخمي ٿيندڙن کي علاج لاءِ ڪوئيٽا نيو پيو وڃي، پنهنجي شهيدن جو بدلو وٺنداسين: جان اچڪزئي

ٻارت جي دهشتگرد ايجنڊا کي نيست نابود ڪنداسين، چونڊون هر صورت ۾ ٿينديون

بلوچستان جو عوام سڀاڻي پرامن طريقي سان پنهنجي حق جو استعمال ڪري، فوجي جوانن کي طلب ڪري سگهجي ٿو

ڪوئيٽا (م ر د) بلوچستان جي نگران اطلاعات واري وزير جان اچڪزئي پشين ۽ قلعي سيف الله ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اطلاعات کاتو اليڪشن ۾ 24 ڪلاڪ ڪم ڪندو: احمد شاهه

نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه پاران اطلاعات کاتي ۾ قائم ڪيل اليڪشن سيل جو تفصيلي دورو، مختلف هدايتون جاري

ميڊيا ذريعي مستند ۽ وقت سر چونڊ نتيجا عوام تائين پهچائڻ لاءِ سنڌ جو اطلاعات کاتو 7 کان 9 فيبروري تائين 24 ڪلاڪ ڪم ڪندو: صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات، اقليتي معاملن، سماجي تحفظ ۽ صدر آرٽس ڪائونسل محمد احمد شاهه پاران اطلاعات کاتي ۾ قائم ڪيل اليڪشن سيل جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ مختلف هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر چڪوال ۾ پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪندو

اسلام آباد (م ر د) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف چڪوال روڊ تي واقعي سنگر هائوس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اليڪشن ڪميشن شڪايتن لاءِ هيلپ لائن نمبر جاري ڪري ڇڏيو

چونڊن کي ڏسندي 24 ئي ڪلاڪ هيلپ لائن تي شڪايت داخل ڪرائي سگهجي ٿي

اسلام آباد (م ر د) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان طرفان شڪايتن لاءِ هيلپ لائن نمبر جاري ڪيو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

عام چونڊون: ڪراچي ۾ 1200 کان وڌيڪ ايس ايس يو ڪمانڊوز مقرر

اهي مختلف ضلعن ۽ هيڊ ڪوارٽرز ۾ ڪوئيڪ ريسپانس فورس طور به الرٽ رهندا

ڪمانڊوز شرپسندن طرفان ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) عام چونڊن جي موقعي تي سيڪيورٽي جا فرض انجام ڏيڻ لاءِ ڪراچي ۾ 1200 کان وڌيڪ ايس ايس يو جا ڪمانڊوز مقرر ڪيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

عام چونڊن جي ڪري افغانستان ۽ ايران سان سرحدي گذرگاهون بند رهنديون: پرڏيهي آفيس

اسلام آباد (م ر د) پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهره بلوچ چيو آهي ته پاڪستان ۾ ٿيندڙ عام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نون ليگ پاران عام چونڊن دوران شڪايتن ۽ ٻين معاملن لاءِ ڪنٽرول روم قائم

سينيٽر اسحاق ڊار جي قيادت ۾ قائم ٿيندڙ ڪنٽرول روم جي نگراني انوشا رحمان ڪندي

سڀاڻي رات ٻارنهين وڳي تائين چونڊ نتيجن لاءِ پراميد آهيون: اسحاق ڊار

لاهور (م ر د) پاڪستان مسلم ليگ نون عام چونڊن لاءِ ڪنٽرول روم تيار ڪري ورتو سموري ملڪ ۾ سڀاڻي عام چونڊون ٿي رهيون آهن. ان حوالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

چيف اليڪشن ڪمشنر پاران صوبن ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ رکڻ جون هدايتون

سڪندر سلطان راجا چئني صوبن جي چيف سيڪريٽريز ۽ آءِ جيز کي فون ڪندي هاءِ الرٽ جي هدايت ڪئي

جلد کان جلد سيڪيورٽي اهلڪارن جي مقرري کي مڪمل ڪيو وڃي، ڊي آر اوز ۽ آر اوز جي آفيس کي سيڪيورٽي ڏني وڃي

اسلام آباد (م ر د) بلوچستان جي ٻن ضلعن ۾ چونڊ آفيس جي ٻاهران ڌماڪن کان پوءِ چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا چئني صوبن ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ رکڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سکر: هڪ ٻيو اميدوار ناصر شاهه جي حق ۾ هٿ کڻي ويو، پ پ جي پوزيشن مضبوط

شائستا ڪوسو سيد ناصر حسين شاهه تي اعتماد جو اظهار ڪندي پي ايس 25 ۽ 24 تان هٿ کڻڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

عوام جي بهتري لاءِ پ پ جي حق ۾ هٿ کڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي، مقصد ۽ ترجيح عوام جي خدمت ڪرڻ آهي: شائستا

شائستا ڪوسو ۽ سندس ٽيم سياسي ۽ سماجي طور تي گهڻي متحرڪ آهي، ٻيا ماڻهو وڏيون آڇون ڪري رهيا آهن: ناصر شاهه

سکر (بيورو رپورٽ) سياسي سماجي اڳواڻ شائستا ڪوسو پ پ اميدوار جي حق ۾ چونڊن تان هٿ کڻي ورتو تفصيل موجب، شائستا ڪوسو سيد ناصرحسين شاهه تي اعتماد جو اظهار ڪندي پي ايس 25 ۽ 24 تان هٿ کڻڻ جو اعلان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

فيصل آباد: عام چونڊن جي سلسلي ۾ سيڪيورٽي فورسز جا اهلڪار الرٽ بيٺل آهن

سنڌ ۾ پوليس سان گڏ فوج ۽ رينجرز به متحرڪ، انتظام مڪمل

سنڌ ۾ رينجرز جا 10 هزار اهلڪار مقرر، ڪراچي ۾ 6 هزار اهلڪار فرض انجام ڏيندا

سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ 392 دستا مقرر هوندا، جوان مختلف هنڌن تي گشت به ڪندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ عام چونڊن جي حوالي سان پاڪ فوج، رينجرز ۽ پوليس جا سيڪيورٽي انتظام مڪمل ڪيا ويا. رينجرز طرفان اهم هنڌن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

سنڌ ڌرتي ڪيترائي مشهور اديب پيدا ڪيا، علي بابا انهن مان هڪ هو: مدد علي سنڌي

سنڌ جي تهذيب گهڻ رخي ٻوليون رکندڙ، گهڻا مذهبي عقيدا رکندڙ ۽ گهڻ نسلي آهي، جنهن مشهور اديب پيدا ڪيا

سنڌ هڪ مضبوط ثقافت ۽ تهذيب وارو صوبو آهي ۽ شيخ اياز جو ڳاڻيٽو صوبي جي عظيم جديد شاعرن ۾ ٿئي ٿو

اسلام آباد (م ر د) تعليم ۽ پيشيوراڻي تربيت واري نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي پنهنجي ڪتاب "پاڪستاني ادب جا معمار" جي مهورتي تقريب جي موقعي تي چيو آهي ته سنڌ جي تهذيب گهڻ رخي ٻوليون رکندڙ، گهڻا مذهبي عقيدا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي تقريب کي خطاب ڪندي

جمعيت علماءِ اسلام (ف) اڳواڻ حافظ حمد الله تي قاتلاڻو حملو، محفوظ رهيو

ڪوئيٽا (م ر د) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي مرڪزي اڳواڻ حافظ حمد الله جي گاڏي تي فائرنگ ٿي آهي. پوليس موجب جمعيت علماءِ اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پ پ جي شڪايتي سيل جو اجلاس، چونڊن بابت حڪمت عملي کي حتمي شڪل ڏني وئي

مرڪزي جنرل سيڪريٽري سينيٽر تاج حيدر جي سربراهي ۾ شڪايتي سيل جو پهريون اجلاس ميڊيا سيل ۾ ٿيو

سيل جا سمورا ميمبر اڄ پولنگ جي ڏينهن صبح 8 وڳي کان ڪئمپ آفيس، ميڊيا سيل ۾ موجود هوندا

پ پ اميدوار ۽ انهن جا پولنگ ايجنٽ ڪنهن به قسم جي رنڊڪ جي صورت ۾ شڪايتي سيل کي آگاهه ڪن: تاج حيدر

ڪراچي (رپورٽر) پ پ جي مرڪزي اليڪشن سيل طرفان شڪايتي سيل جو اجلاس ٿيو پ پ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري سينيٽر تاج حيدر جي سربراهي ۾ شڪايتي سيل جو پهريون اجلاس ميڊيا سيل بلاول هائوس ۾ ٿيو، جنهن ۾ سيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پاڪستان ۾ چونڊن کان اڳ دهشتگرد حملا ڳڻتي جوڳا آهن: برطانوي هاءِ ڪمشنر

اهڙن ڌماڪن جي مذمت ڪريان ٿي جيڪي عوام کي ووٽ ڏيڻ کان روڪڻ چاهين ٿا

منهنجون همدرديون متاثر ماڻهن جي پيارن سان گڏ آهن: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (م ر د) برطانوي هاءِ ڪمشنر پنهنجي سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته عام چونڊن کان اڳ پاڪستان ۾ دهشتگردن جا حملا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

اسلام آباد: صدر عارف علوي بوسنيا جي لاءِ مقرر سفير سان ملاقات ڪندي

اليڪشن ڪميشن سيڪريٽريٽ ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ جي درخواستن جي وصوليءَ لاءِ ڇنڇر ۽ آچر ڏينهن کُليل رهندي

اسلام آباد (م ر د) اليڪشن ڪميشن سيڪريٽريٽ ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ جي درخواستن جي وصولي لاءِ ڇنڇر ۽ آچر ڏينهن کُليل رهندي. اميدوارن ۽ عوام لاءِ ٻيهر ڳڻپ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

مقبول باقر جو سنڌ جي تعليمي بورڊن ۾ ڪمشنر لڳائڻ جو تجربو ناڪام

عدالت لاڙڪاڻي تعليمي بورڊ ۾ لڳايل ڪمشنر کي به فارغ ڪري ڇڏيو

نگران حڪومت سفارشي بنيادن تي لڳايل آفيسرن کي هٽائڻ بابت ڪا تياري نه ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جو سنڌ جي تعليمي بورڊن ۾ مستقل چيئرمين بدران ڪمشنر لڳائڻ جو تجربو بري طرح ناڪام ٿي ويو. اڳاري تي عدالت لاڙڪاڻي تعليمي بورڊ ۾ لڳايل ڪمشنر کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ مسلسل پنجين ڏينهن ڪاروبار جو هاڪاري رجحان

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ مسلسل پنجين ڏينهن ڪاروبار جو هاڪاري رجحان رهيو. اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ 100 انڊيڪس 344 پوائنٽس واڌ سان 64143 تي بند ٿيو 100 انڊيڪس 5 ڏينهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

نوازشريف چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻجندو: برطانوي اخبار جي اڳڪٿي

2024 جي چونڊن ۾ نوازشريف وزيراعظم بڻجندو جيڪو عمران خان کان بهتر وزيراعظم ٿيندو: دي گارڊين

نوازشريف آمريڪا، چين ۽ ڀارت سان لاڳاپا ٻيهر بهتر بنائي سگهي ٿو جنهن کي عمران خان جي دور ۾ سخت نقصان پهتو

نوازشريف هڪ ڪاروباري ماڻهو آهي جيڪو مارڪيٽن ۽ پاڪستان کي قرض ڏيندڙن کي گڏ رکڻ جي ضرورت کي سمجهي ٿو

لنڊن (م ر د) برطانوي اخبار (دي گارڊين) موجب عام چونڊن 2024 ۾ پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو اڳواڻ ميان نوازشريف چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻجندو، دي گارڊين طرفان پاڪستان جي موجوده اليڪشن بابت سياسي تجزيه ڪارن جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ناروشاهہ ۾ چتن ڪتن 22 ڪان مٿي ٻارڙن کي ڏاڙهي وڌو

شهرجي مختلف وارڊن جي رهواسين ۽ ٻارڙن زينب عمراڻي، سائرا عارف ۽ ٻارڙن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

زخمي ٻارڙن کي رورل هيلٿ سينٽر ناروشاهہ ۾ پهچايو، جتي زخمين کي ويڪسين ڪرائڻ بعد فرسٽ ايڊ ڏني وئي

شهر ۾ چتن ڪتن جو آزاروڌي ويو آهي، ٽائون انتظاميا کي ڪيترا ڀيرا ڪتا مار مهم هلائڻ جو چيو آهي: شهري

ناروشاهہ (رپورٽر) ناروشاهہ ۾ چتن ۽ رولو ڪتن جو آزار چتن ڪتن شهرجي مختلف پاڙن ۾ 22 هن ڪان مٿي معصوم ٻارڙن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو ٽائون انتظاميان اليڪشن ورڪ ۾ رذل ٻارڙن کي سرڪاري اسپتال پهچايو ويوجتي ويڪسين بہ سنڌن علاج جاري آهي رهواسين ٻاران فوري طور ڪتا مار مهم هلائڻ جو مطالبو، ناروشاهہ شهر ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ چتن ڪتن جو آزار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ناروشاهہ: ڪتن جا ڏاڙهيل ٻارڙا اسپتال ۾ علاج ڪرائي رهيا آهن

سجاول ۾ عام چونڊن جون تياريون
آخري مرحلي ۾ پهچي ويون، ڪارنر
گڏجاڻين ۽ مهم ورڪ تيز

سجاول (رپورٽر) سجاول ضلعي ۾ عام چونڊن جون تياريون آخري مرحلي ۾ پهچي ويون آهن، پيپلزپارٽي ٻاران پي ايس تڪ 73 جي اميدوار سيد شاه حسين شاه شيرازي ٻاران ڪارنر گڏجاڻين ۽ مهم ورڪ تيز ڪري ڇڏيو آهي، شهر ۽ ٻهراڙي جي علائقن ورڪ مهم دوران ڳالهائيندي چيو تہ پيپلزپارٽي جو منشور سڀ کان الڳ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

چونڊن ۾ جماعت اسلامي پاران 774 اميدوار مقابلي ۾ لٿل، 32 عورتون شامل

سنڌ ۾ قومي جا 51 ۽ صوبائي 105 اميدوار جنهن ۾ 11 عورت اميدوار بہ شامل آهن

چونڊوڙهندڙن ۾ سراج الحق اين اي 6 دير، لياقت بلوچ اين اي 32 لاهور، ممتاز حسين سهتو اين اي 229 ملير ڪراچي ۽ ٻيا شامل آهن

جماعت اسلامي ڀهريون پيروڏي پيماني تي سموري ملڪ ۾ پنهنجا اميدوار بيهاريا آهن ۽ ڪنهن بہ پارٽي سان اتحاد نہ ڪيو ويو آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي طرفان 08 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن ۾ قومي توڙي صوبائي اسيمبلي جا 774 اميدوار مقابلي ۾ لٿل آهن جنهن ۾ 32 عورت اميدوار بہ شامل آهن جڏهن تہ سنڌ ۾ قومي جا 51 ۽ صوبائي 105 اميدوار جنهن ۾ 11 عورت اميدوار بہ شامل آهن. چونڊ وڙهندڙن ۾ مرڪزي امير سراج الحق اين اي 6 دير، مرڪزي نائب امير لياقت بلوچ اين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر: سانگي ٿاڻي جي حد ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو

زخمي ٿيل ڌوهاري جي سڃاڻپ آصف بليدي طور ٿي آهي، قبضي مان پسٽل هٿ ڪيو ويو

ڌوهاري جو ڪرمنل رڪارڊ بابت وڌيڪ جاچ پوليس ٿاڻن ۽ مختلف ضلعن کان حاصل ڪئي پئي وڃي پوليس

سکر (رپورٽ: امداد ڳلي گل ڪلوڙ) سانگي ٿاڻي جي حد هنگورو لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو، هڪ ڌاڙيل زخمي، گرفتار، هٿيار هٿ، ٽي ساٿي فرار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر: شائستا کوسو پ پ جي حق ۾ اليڪشن تان دستبردار ٿي وئي

شائستا ناصر شاهہ تي اعتماد جو اظهار ڪندي پي ايس 23 ۽ 24 تان دستبردار ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

شائستہ ڪوسو عوام جي بهتري لاءِ پ پ جي حق ۾ دستبردار ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي: ناصر شاه

اسان جو مقصد ۽ ترجيح عوام جي خدمت آهي، پ پ جي اميدوارن جي حمايت ڪيون ٿا: شائستا ڪوسو

سکر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي سياسي سماجي اڳواڻ اسٽيپ فائونڊيشن چيئرپرسن شائستا ڪوسو پ پ جي حق ۾ اليڪشن تان دستبردار ٿي رئي، سيد ناصر حسين شاه تي اعتماد جو اظهار ڪندي پي ايس 23 ۽ 24 تان دستبردار ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيس روهڙي ۾ سيد ناصر حسين شاه جي رهائشگاهہ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي پاڪستان پيپلز پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سکر: ناصر شاهہ ۽ شائستا ڪوسو پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد ۾ عام چونڊن جون
تياريون آخري مرحلي ۾ داخل،
اليڪشن سامان آفيسرن حوالي

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد ۾ عام چونڊون آخري مرحلي ۾ داخل، اليڪشن جو ضروري سامان پولنگ پرزائيڊنگ آفيسرن حوالي، پولنگن کي ٽن طبقن، نارمل، حساس، انتهائي حساس طور تقسيم ڪيو ويو، ڪجهہ علائقن اندر صورتحال کي بهتر ڪرڻ لاءِ فوج توڙي رينجرس جا جوان بہ طلب ڪيا ويا، خبر موجب پوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو محمد خان ويجهو ڪيلي جي فصل مان نوجوان لاش هٿ

ڳوٺ علي خان وساڻ جي رهواسي امرشي ڪولهي جو ڪيلي جي فصل مان تشدد ٿيل لاش هٿ آيو

نامعلوم ماڻهن پاران روڪ رقم ڦر ڪئي مزاحمت ڪرڻ تان نوجوان کي گهٽا ڏئي قتل ڪيو ويو آهي چئوٻول

واقعي جي جانچ ڪئي پئي وڃي (پوليس) نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ايم اي بروهي) ٽنڊو محمد خان شيخ پرڪيو ويجهو نوجوان جو ڪيلي جي فصل مان تشدد ٿيل لاش هٿ شيخ پرڪيو پوليس پهچي لاش اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو تشدد بعد قتل ڪيو ويو آهي جانچ ڪريون پيا پوليس خبر موجب ٽنڊو محمد خان شيخ پرڪيو ويجهو ڳوٺ علي خان وساڻ جي رهواسي 35 ورهين جي امرشي ڪولهي جو ڪيلي جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهرو فيروز ۾ اليڪشن جي حوالي سان سامان فراهم ڪيو ويو

صوبائي اسمبلي جي سيٽن پي ايس 32 تي 19 اميدوارن مان 2 لک 27 هزار 214 ووٽر پنهنجو نمائندو چونڊيندا

مقابلو جي ڊي اي جي مسرور احمد جتوئي ۽ پي پي جي ضياءالحسن لنجار وچ ۾ آهي

اين اي 205 تي ابرار علي شاهہ ۽ جي سيد اصغر علي شاهہ، اين اي 206 تي ذوالفقار ٻهڻ ۽ غلام مرتضيٰ خان جتوئي ۾ مقابلو آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ضلعي جي ٻن قومي ۽ چئن صوبائي اسمبلي جي سيٽن تي 710 پولنگ اسٽيشنن جي عملي کي اليڪشن ڪرائڻ جو سامان فراهم ڪيو ويو ۽ سخت سيڪيورٽي ۾ عملو پولنگ اسٽيشنن تي پهچي ويو آهي. اڄ چئن صوبائي اسمبلي جي سيٽن پي اس 32 تي 19 امدوارن مان 2 لک 27 هزار 214 ووٽر پنهنجا نمائندو چونڊيندا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهرو فيروز: پولنگ عملو اليڪشن جو سامان وٺڻ لاءِ بيٺل آهي

خيرپور ويجهو فتح پور ۾
حضرت سخي سيد گل شاه
غازي موسوي جو عرس شروع

خيرپور (رپورٽر) خيرپور ويجهو فتح پور ۾ حضرت سخي سيد گل شاه غازي موسوي جو ٽن ڏينهن وارو ساليانو عرس مبارڪ شروع ٿي ويو جنهن جو افتتاح درگاهہ جي سجاده نشين ايڊوڪيٽ سيد امتياز حسين شاه موسوي سيد شفقت حسين شاه موسوي سيد پرويز علي شاه موسوي سيد خادم حسين شاه موسوي سيد غلام رضا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڪراچي ۾ آءِ جي سنڌ جو مختلف پولنگ اسٽيشنن جو دورو

پولنگ اسٽيشنن جي ٻاهر ۽ آس پاس ووٽرن، اميدوارن، پولنگ عملي جي حفاظت کي يقيني بڻائڻو پوندو: آءِ جي

اوهان تجربيڪار ۽ باصلاحيت ماڻهو آهيو، چونڊن کي نظر ۾ رکندي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا وڃن

اليڪشن پنهنجي آخري مرحلي ۾ ٿيندي، 8 فيبروري تي چونڊن جو آخري ڏينهن هوندو، پوليس جا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر ڀهنوار) آءِ جي سنڌ پي آءِ ڊي سي پولنگ اسٽيشن پرسان ڪامرس ڪاليج، ڊي آءِ جي سائوٿ آفيس ۾ قائم اليڪشن ڪنٽرول روم، ايڪسپو سينٽر ۽ سي اير ايس اسڪول نيپيئر جو دورو ڪيو رفعت مختيار راجا پنهنجي مقرر دوري دوران ڊيوٽي تي موجود پوليس اهلڪارن سان ملاقات ڪئي، هن چيو تہ اسان کي پولنگ اسٽيشن جي ٻاهر ۽ آس پاس رهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

سکر ۾ عام چونڊن جي تيارين جي سلسلي ۾ انتظام مڪمل ڪيا ويا

سکر ضلعي جي 6 تڪن جي 634 پولنگ اسٽيشنن تي پولنگ جو سامان پهچي ويو آهي

634 پولنگ اسٽيشنز، 166 پولنگ اسٽيشنز انتهائي حساس، 220 پولنگ اسٽيشنون حساس، 557 پولنگ اسٽيشنز نارمل آهن

سيڪيورٽي انتظامن لاءِ 5100 پوليس اهلڪار ۽ 500 ليڊي پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو آهي

سکر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ضلعي ۾ عام چونڊن جي تيارين جي سلسلي ۾ اليڪشن ڪميشن جي عملدارن پولنگ سامان ۽ سيڪيورٽي انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن. اليڪشن ڪميشن موجب سکر ضلعي جي 6 تڪن جي 634 پولنگ اسٽيشنن تي پولنگ جو سامان پهچي ويو آهي، 634 پولنگ اسٽيشنن 166 پولنگ اسٽيشنز انتهائي حساس، 220 پولنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

متياري ضلعي جي هڪ قومي
اسيمبليءَ واري تڪ اين اي 216 ۽ ٻن
صوبائي تڪن تي چونڊ ٿيندي

متياري (رپورٽر) متياري ضلعي جي هڪ قومي اسيمبليءَ واري تڪ اين اي 216 ۽ ٻن صوبائي تڪن پي ايس 57 ۽ 56 تي اڄ پولنگ عملو پنهنجو سامان وصول ڪندي خميس جي ڏينهن 8 فيبروري تي متياري ضلعي ۾ پولنگ جو عمل شروع ٿيندو ضلعي ۾ 320 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويا آهن، جنهن مان 80 پولنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

سکر: اليڪشن جي حوالي سان پولنگ جو سامان ورهايو پيو وڃي

گهوٽڪي ۾ مڙس تيزڌار اوزار گهرواري جو ڳلو ڪپي قتل ڪري ڇڏيو

وسير مُحلہ واري علائقي ۾ جوابدار مڙس عبدالقادر وسير زال کي قتل ڪري ڇڏيو

گلشن وسير کي قتل ڪندڙ مڙس عبدالقادر جي گرفتاري لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي ۾ مڙس تيزڌار اوزار گهرواري جو ڳلو ڪپي قتل ڪري ڇڏيو، قهري ڪاروائي بعد جوابدار فرار، لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي، خبرموجب گهوٽڪي جي وسير مُحلہ واري علائقي ۾ جوابدار مڙس عبدالقادر وسير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

خيرپور جي جيلاني خاندان هميشہ تڪ جي عوام جي خدمت ڪئي آهي: سيد اسد شاه

پ پ جي دور حڪومت ۾ مليون، مخالفن وٽ نہ ڪو منشور آهي نہ ئي وري سهولتون ڏنيون

عرفان انصاري راشد شيخ عمران مستوئي ياسر شاه ڪامران پٽي راجا خان جتوئي ۽ ٻيا موجود هئا

ٻيرلوءِ (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي اڳواڻ سيد اسد شاه جيلاني ٻيرلوءِ پهچي ڪارنر گڏجاڻي کي خطاب ڪيو، پ پ ڪائونسلر سيد رضوان شاه جي رهائشگاه تي پهچڻ بعد جيالن ٻاران جيئي ڀٽو جي نعرن سان استقبال ڪيو ويو. گڏجاڻي کي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين پاران حب ڪئنال جو دورو

حب ڪئنال مان شهر کي پاڻي جي فوري فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي: سي اي واٽر ڪارپوريشن

ضلعي اولهہ ۽ ضلعي ڪياماڙي ۾ ڪي ٽري جي متبادل لائين مان پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد حب ڪئنال جو تفصيلي دورو ڪري ڪئنال تي هلندڙ مرمتي ڪم جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪراچي: سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر صلاح الدين کي بريفنگ ڏني پئي وڃي

سڳيون مان محمود چنا ٽاڻي جو اغوا ڪيل پوليس اهلڪار هفتو گذرڻ باوجود هٿ نہ اچي سگهيو

پوليس اهلڪار ارشاد علي ٻهلير جو هڪ هفتو گذرڻ باوجود سنڌس جو ڪو بہ ڏس پتو پئجي نہ سگهيو

وارثن رياض علي ٻهلير ۽ ٻين جي ايس ايس پي خيرپور سان ملاقات ڪئي ۽ معاملن تي ڳالهيون ڪيون

سڳيون (رپورٽر) سڳيون مان محمود چنڊ ٽاڻي جو اغوا ڪيل پوليس اهلڪار ارشاد علي ٻهلير جو هڪ هفتو گذرڻ باوجود سنڌس جو ڪو بہ ڏس پتو پئجي نہ سگهيو. وارثن جي ايس ايس خيرپور سان ملاقات. اهلڪار بازيابي جلد عمل ۾ آندي ويندي. ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

صوبائي تڪ پي ايس 80 تي پولنگ عملو سامان ڏئي پولنگ اسٽيشنن ڏانهن روانو

ووٽرس جو تعداد 479411، اين اي 227 تي ٽوٽل پولنگ اسٽيشن جو تعداد 333 آهي

هر هڪ پولنگ اسٽيشن تي هڪ اي ايس آءِ سميت چار پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو آهي

ميهڙ (رپورٽر) اليڪشن ڪميشن پاران ميهڙ کي اين شاهہ جي قومي تڪ اين اي 227، ميهڙ جي صوبائي تڪ پي ايس 81 ۽ ڪي اين شاهہ جي صوبائي تڪ پي ايس 80 تي پولنگ عملي کي سامان ڏئي پولنگ اسٽيشن ڏانهن روانو ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سانگهڙ ۾ ٻہ ٻن قومي اسيمبلي ۽ پنجن صوبائي اسيمبلين تي مقابلا ٿيندا

اين اي 209 تان پ پ جي شازيہ مري جو مقابلو جي ڊي اي جي محمد خان جوڻيجو سان ٿيندو

علي حسن هنگورجو ۽ پي ايس 42 تي جي ڊي اي جي قاضي شمس الدين راڄپر جو مقابلو ٿيندو

سانگهڙ (رپورٽر) ملڪ جي ٻين شهرن وانگر سانگهڙ ۾ بہ اڄ ٻن قومي اسيمبلي ۽ پنجن صوبائي اسيمبلين لاءِ پولنگ صبح 8 وڳي کان شام 5 وڳي تائين بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهندي. سانگهڙ جي ٻن تڪن اين اي 209 تان پ پ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

خيرپور جي تعلقي ڪوٽڏيجي ۾ بدامني خلاف ٻگٽي برادري جي ماڻهن پاران احتجاجي مظاهرو

ماڻهن پاران احتجاجي مظاهرو ٽائرن کي باهيون، روڊ بلاڪ، ٻنهي پاسن کان گاڏيون بيهجي ويون

هٿيار بند وحيد ٻگٽي کي يرغمال بڻائي تشدد ڪري ٽرئڪٽر پئسا موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا

خيرپور ميرس (رپورٽر) خيرپور جي تعلقي ڪوٽڏيجي ۾ بدامني خلاف ٻگٽي برادري جي ماڻهن پاران احتجاجي مظاهرو ٽائرن کي باهيون، روڊ بلاڪ، ٻنهي پاسن کان گاڏيون بيهجي ويون، خيرپور پوليس خلاف چٽي ناريبازي گڏريل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوجوان کي تعصب جي بنياد تي پوليس اهلڪارن گولي هڻي زخمي ڪيو: رتوديرو واسي

گرفتار نوجوان رياض جويو جي وارثن مرد ۽ عورتن جو هٿن ۾ قرآن پاڪ کڻي احتجاج ڪيو

عزيز سيانچ ۽ غلام مصطفيٰ چنو نوجوان کي روڪي موٽرسائيڪل تان لاهي گولي هڻي آهي: وارث

رتوديرو (رپورٽر) رتوديرو ۾ پوليس جي مبينا مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ هڪ ڌوهاري کي گرفتار ڪرڻ وارو معامرو، اسان جي نوجوان کي تعصب جي بنياد تي پوليس اهلڪارن گولي هڻي زخمي ڪري ڪوڙو مقابلو ڏيکاريو آهي، اسان کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ماتلي ۾ سبزي منڊي وچ روڊ تي هجڻ ڪري اڪثر روڊ بند شهري پريشاني جو شڪار

سبزي منڊي الله واري چوڪ کان اسٽيشن روڊ وچ شهر ۾ هجڻ ڪري روڊ بند ٿي ويندو آهي

سبزي منڊي ٻاهر شفٽ ڪري شهرين ۽ اسڪولي شاگردن کي تڪليف مان نجات ڏياري وڃي

ماتلي (رپورٽر) ماتلي ۾ سبزي منڊي وچ روڊ تي هجڻ ڪري اڪثر روڊ بند شهري پريشان تفصيل موجب ماتلي جي سبزي منڊي جيڪا الله واري چوڪ کان اسٽيشن روڊ وچ شهر ۾ هجڻ ڪري اڪثر روڊ بند ٿي ويندو آهي مختلف سبزين جا واڪ پڻ روڊ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

دادو اليڪشن جي سيڪيورٽي انتظام مڪمل

سيڪيورٽي انتظام مڪمل جائزو وٺڻ لاءِ ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار جائزو ورتو

دادو ۾ امن برقرار رکڻ لاءِ پوليس، آرمي ۽ رينجرز فليگ مارچ ڪيو ويو آهي

دادو (رپورٽر) جنرل اليڪشن جي سيڪيورٽي انتظام مڪمل جائزو وٺڻ لاءِ ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار ڊي ايس پي، ايس ايڇ اوز سان گڏجي پولنگ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو: ايس ايس پي ۽ آرمي جا جوان شهر جو دورو ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ اليڪشن جي حوالي سان سامان جي ورهاست جاري

ٽنڊو محمد خان ۾ ڪل رجسٽرڊ مرد ۽ عورت ووٽرس جو تعداد 3 لک چاونجاهہ هزار 444 آهي

ضلعي اندر 298 پولنگ اسٽيشن مقرر ڪيون ويون، 83 پولنگ اسٽيشن کي انتهائي حساس قرار

ٽنڊو محمد خان (ايم اي بروهي) 8 فيبروري 2024 تي ٿيندڙ عام چونڊن جي لاءِ پولنگ عملي ۾ اليڪشن واري سامان جي ورهاست ڊي سي ڪامپليڪس ۾ مقرر ڊسپلي سينٽر تان جاري. تفصيلات مطابق ضلعي ٽنڊو محمد خان ڊي سي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دادو ۾ غزہ جي مسلمانن سان يڪجهتي لاءِ ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

ڪانفرنس ۾ وڪيلن، شهرين، علماءِ اڪرام راشد رضوي، علامہ سعيد احمد بروهي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سنڌ جا ماڻهو فلسطيني عوام سان محبت ڪن ٿا، مالي مدد ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهن ٿا

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) غزہ جي مسلمانن سان اظهار يڪجهتي طور بلوچ ڪميونٽي سينٽر دادو ۾ آرگنائيزر اين اي 228 اميدوار انجنيئر محمد عمران خان پنهور پاران سپريم ڪورٽ ايڊوڪيٽ روشن عظم ۽ علامہ اڪرام جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو غلام حيدر جي ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال بڻيل

اسڪول جي بلڊنگ جا بہ ڪمرا ڇت چوديواري سميت مڪمل ختم ٿي چڪو آهي: ڳوٺاڻا

ڪوششن باوجود ڪنهن بہ چونڊيل نمائيندي زبون حال ٿيل بلڊنگ جو نوٽيس ناهي ورتو

اسڪول بلڊنگ جي نئين سر تعمير ڪرائي ڏني وڃي، اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻارڙن جو مستقبل جو خيال ڪيو وڃي

ٽنڊو غلام حيدر (ن س) ٽنڊو غلام حيدر پرسان ڳوٺ صديق رند ۾ پرائمري اسڪول بلڊنگ کنڊر حال بڻيل شاگردن ۾ مايوسي ڇانيل 1995 ۾ تعمير ٿيل اسڪول بلڊنگ چوديواري سميت مڪمل تباهہ ٿي چڪي آهي ڪافي ٻارڙن خوف منجهان اسڪول پڙهڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي اسڪول ۾ ڪابہ بنيادي سهولت ميسر ناهي اسڪول جون در دريون ۽ ڇت مڪمل ناڪاره بڻجي چڪي آ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

پي ٽي آئي جي اميدوارن کي
ليول پلينگ فيلڊ نہ پئي ڏني
وڃي: پي ٽي آءِ اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر ڀهنوار) پي ٽي آئي پي جي نامزد اميدوار صوبائي تڪ 98 جانشير جوڻيجو، وڪيل ممتاز ڳوپانگ، آفتاب ڳوپانگ سان گڏ ڪراچي اوپر پريس ڪلب جو دورو ڪيو ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي جانشير جوڻيجو، ممتاز ڳوپانگ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ پي ٽي آئي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊو غلام حيدر: ڳوٺ صديق رند جي پرائمري اسڪول جي زبون حالي جو ڏيک

پريا پرسان پ پ جلسي ۾ گيٽ ڪرڻ سبب نينگر فوت، 2 ٻارڙا زخمي

ڳوٺ ۾ ٿيل جلسي ۾ اوطاق جي لوهي گيٽ ڪري پئي هڪ ئي گهر جا 3 ٻارڙا زخمي ٿي پيا

نينگري ڪشف ديجي فوت ٿي وئي، 2 ٻارڙا عذير ۽ عليشا سخت زخمي ٿي پيا

فوتي جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو فوتي ۽ زخمي پاڙ ۾ پائرينٽ پڌايا پيا وڃن

نوشهرو فيروز (ڊ ر) پريا پرسان پ پ جي جلسي دوران لوهي گيٽ ڪرڻ سبب معصوم نينگري فوت، بہ ٻارڙا سخت زخمي خبر موجب پرياسٽي لڳ ڳوٺ حسين ڪلهوڙو ۾ سياسي پارٽي جي ورڪ دوران جلسي ۾ اوطاق جي لوهي گيٽ ڪرڻ سبب هڪ ئي گهر جا 3 ٻارڙا گيٽ هيٺان اچڻ سبب زخمي ٿي پيا جن مان 5 ورهين جي نينگري ڪشف ڏي ۽ حسين ڪلهوڙو موقعي تي ئي ديجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بلاول ڀٽو ڳڙهي خدابخش ڀٽو، شهيدن جي مزار تي حاضري

بلاول ڀٽو زرداري محترمہ بينظير ڀٽو جي مزار تي ويهي دعائون گهريون

بلاول ڀٽو ڪارساز سانحي جي 20 گمنام شهيدن جي مزارن تي پڻ حاضري ڀري

نئون ديرو (رپورٽ: شاد محمود ڀٽو) بلاول ڀٽو زرداري ڳڙهي خدابخش آمد پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اليڪشن کان هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٺٽي جي پولنگ اسٽيشنن تي چونڊ جو سامان پهچائڻ جو سلسلو جاري

ضلعي ۾ 425 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون ويون آهن، مرد ۽ عورت جون پولنگ اسٽيشنون بہ شامل آهن

16/15 پولنگ اسٽيشنن کي انتهائي حساس قرار ڏئي پاڪ فوج ۽ رينجرز کان مدد وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو

پولنگ سامان جي لاءِ صوبائي پي ايس 75 ٺٽو 1 ۽ پي ايس 76 ٺٽو 2 لاءِ انتظاميہ طرفان الڳ الڳ ڪائونٽر ٺاهيا ويا

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) سموري ملڪ وانگر ضلعي ٺٽي ۾ پڻ سيائي اليڪشن جي آخري ڏينهن تي ووٽ ڏيڻ جو عمل شروع ٿيڻ کان پهرين ٺٽي ۾ بہ پولنگ اسٽيشنن تي چونڊ سامان پهچائڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو ريٽرننگ آفيسر ٺٽو جي پڌرائي موجب سموري ضلعي ۾ 425 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون ويون آهن، جن ۾ مرد ۽ عورت جون پولنگ اسٽيشنون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڳڙهي خيرو ويجهو ٿهيم فارم
هائوس تي مختلف برادرين
جي معززين جي گڏجاڻي

ڳڙهي خيرو (رپورٽر) ڳڙهي خيرو ويجهو ٿهيم فارم هائوس تي مختلف برادرين جي معززين جي گڏجاڻي ڊاڪٽر شهزاد خان ٿهيم مير مصطفا خان ٿهيم جي ميزباني هيٺ گڏجاڻي اليڪشن ۾ پ پ جي اميدوارن جي ڀرپور سپورٽ جو اعلان ڪيو ويو ڊاڪٽر شهزاد خان ٿهيم ۽ مير مصطفا خان ٿهيم جي فارم هائوس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽو: پولنگ اسٽيشن تي اليڪشن جي لاءِ سامان پهچايو ويو آهي

ڪنڌڪوٽ جي پولنگ اسٽيشنن تي چونڊ سامان پهچائڻ جو سلسلو جاري

ريٽرننگ آفيسر ڪنڌڪوٽ جي پڌرائي موجب سموري ضلعي ۾ 401 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون ويون آهن

113 پولنگ اسٽيشنن کي انتهائي حساس قرار ڏئي پاڪ فوج ۽ رينجرز کان مدد وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

ٽنگوائي جي 401 پولنگ اسٽيشنن تي پاڪ آرمي، رينجرز ۽ پوليس اهلڪار سيڪيورٽي جا انتظام سنڀاليندا

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: امداد بنگوار) سموري ملڪ وانگر ضلعي ڪشمور ڪنڌڪوٽ ۾ پڻ سيائي اليڪشن جي آخري ڏينهن تي ووٽ ڏيڻ جو عمل شروع ٿيڻ کان پهرين ڪنڌڪوٽ ۾ بہ پولنگ اسٽيشنن تي چونڊ سامان پهچائڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو ريٽرننگ آفيسر ڪنڌڪوٽ جي پڌرائي موجب سموري ضلعي ۾ 401 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون ويون آهن، جن ۾ مرد ۽ عورت جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر شهر جي مينڊيٽ کي چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: مولانا حزب الله جکرو

سکر جي پي ايس 24 جي پولنگ اسٽيشن کي پي ايس 25 تي منتقل ڪيو ويو آهي

سکر سنڌ جو ٽيون نمبر وڏو شهر آهي، پر هتي جا بنيادي مسئلا حل نہ ٿي سگهيا آهن

پاڪستاني ادارن کان مطالبو ڪيو تہ سنڌ جي عوام کي پيپلز پارٽيءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) جماعت اسلامي جي نامزد اميدوار اين اي 200 مولانا حزب الله جکرو، پي ايس 24، 25 جي نامزد اميدوار زبير حفيظ شيخ ۽ ٻين مرڪزي اليڪشن آفيس ۾ گڏيل هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي پيپلز پارٽي تي اليڪشن ۾ ڌانڌلي جو الزام هڻندي چيو آهي تہ پيپلزپارٽي وڏيرن جي آهي، افسوس آهي تہ سکر شهر کي تباهہ ڪرڻ ۾ / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ميرپور ماٿيلو پرسان پٽا برادري جي
16 سالا نياڻي سان زيادتي جي
ڪوشش، ڌرين ۾ جهيڙو، 6 زخمي

گهوٽڪي (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: ڳوٺ ڏرنگ ملوڪ والي ۾ پٽا برادري جي 16 سالا نياڻي سان زيادتي جي ڪوشش، نياڻين جي رڙين تي جوابدار فرار، پٽا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، نياڻي واري ڌر جي عورتن سميت 6 ڄڻا زخمي، زخمين کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو، نياڻي واري ڌر جو ٻي ڌر خلاف احتجاج، پيلو ميرپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر: جماعت اسلامي جا اميدوار پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

دادو جي 4 صوبائي ۽ 2 قومي تڪن جي اميدوارن ۾ ڪانٽي جو مقابلو

ضلعي ۾ پ پ ۽ جي ڊي اي جي آزاد اميدوارن وچ ۾ سخت مقابلي جا امڪان

پ پ جي پير مجيب الحق، جي ڊي اي جي عاشق زئور ۽ آزاد اميدوار ذوالفقار ملاح وچ ۾ وڏو مقابلو ٿيندو

قومي تڪ 227 تي عرفان ظفر لغاري ۽ لياقت علي جتوئي، آزاد عورت اميدوار شبانہ نواب وچ ۾ پڻ مقابلو ٿيندو

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو ضلعي جي 4 صوبائي ۽ 2 قومي تڪن جي اميدوارن جو ساهہ مٺ ۾ اچي ويو، 9 لک 30 هزار 473 ووٽر پنهنجو حق استعمال ڪرڻ لاءِ تيار، ضلعي اندر پيپلزپارٽي ۽ گرانڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) آزاد اميدوارن وچ ۾ سخت مقابلي جا امڪان، پيپلز پارٽي پنهنجي ناراض ماڻهن ورڪرن کي راضي ڪرڻ ۾ مصروف آهي جي ڊي اي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سکر پوليس 60 لک فراڊ ڪيس ۾ هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

فراڊ ڪيس ۾ گرفتار جوابدار هريش ڪمار کي سکر جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

پوليس ڪاروائي ڪري ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايل جوابدار هريش ڪمار کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪيو

جوابدارن هريش ڪمار ۽ هميش ڪمار خلاف سريش ڪمار جي فرياد تي 70 لک روپين جو جعلي چيڪ ڏيڻ جي فراڊ جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس 60 لک فراڊ ڪيس ۾ هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو، عدالت جوڊيشل رمانڊ تي جوابدار کي جيل اماڻي ڇڏيو آباد ٿاڻي تي بجل شاهہ سيائي جي رهواسي شهري نور محمد سولنگيءَ جي فرياد تي 60 لک روپيا پلاٽ جي مد ۾ فراڊ ڪرڻ جو ٻن جوابدارن هريش ڪمار پٽ ارجنداس ۽ هميش ڪمار پٽ پريم چند خلاف ڪيس داخل ڪرايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر: فراڊ ڪيس ۾ جوابدار لاڪ اپ ۾ بيٺل آهي

ٺٽي شهر ۾ بدامني جي باهہ
ڀڙڪيل، ڏينهن ڏٺي لکين روپيا ڦر
جي واردات، پوليس خاموش

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي شهر ۾ بدامني جي باهہ ڀڙڪيل، ڏينهن ڏٺي لکين روپيہ ڦر جي واردات. ٺٽو سجاول روڊ درگاهہ سخي شاهہ گوهر گنج پرسان گج آبادي واري علائقي مان ڏينهن ڏٺي هول سيل جي واپاري نعمان سمون کان هٿيار بند ڦورو هٿيارن جي زور تي 21 لک روپيہ ڦر ڪري فرار ٿي ويا، جنهن بعد واپارين ۽ ڦرجي ويل نعمان سمون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر

خميس 08 فيبروري 2024ع

چونڊ مهم خون جو ڪيترو خراج ورتو ؟!

ڪالهه اليڪشن 2024ع واري مهم پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي. ان چونڊ مهم لاءِ اسان "خيرن سان ختم ٿي" يا "تمت بالخير" جا لفظ ان ڪري به نٿا استعمال ڪري سگهون، جو اها خوف، ڌڪاءُ ۽ رتوڇاڻ کان خالي نه هئي. پي ٽي آءِ جي حمايت يافته اميدوار ريحان زيب جي قتل کان وٺي ميرپورخاص ۾ پ پ اميدوار ذوالفقار شاهه تي ٿيل قاتلاڻي حملي ۾ ان جي زخمي ٿيڻ ۽ ڪراچيءَ ۾ سياسي جماعتن جي ٽڪراءَ سبب ماڻهن جي قتل ٿيڻ تائين سمورا اهڙا واقعا آهن، جن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان چونڊ مهم خون جو ڪيترو خراج ورتو آهي! ان کان به وڏو نقصان اهو ٿيو جو چونڊ مهم ڪيترن ئي هنڌن تي ڌڪاءُ پيدا ڪري هلائڻ ئي نه ڏني وئي. جتي جمهوري عمل جي رستي روڪ ڪندڙ قوتن سيڪيورٽي فورسز تي حملا ڪري خوف جو ماحول جوڙيو، پوڻ ڪي بارود سان ڏوڏيو، اتي حراس پکيڙڻ ۾ انتظاميا به پنهنجو حصو ملايو. خاص طور تي ملڪ جي ٻن صوبن خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان ۾ اڪثر تڪن ۾ اميدوار چونڊ مهم هلائي نه سگهيا. انتظاميا به فول پروف سيڪيورٽي جا بيان ته ڏيندي رهي پر عملي طرح سيڪيورٽي جو بحران سهائي سڄ وانگر نظر ايندو رهيو. خود انتظاميا ٿريٽ الرٽ جاري ڪري اميدوارن کي چونڊ سرگرمين کان روڪيندي رهي، جيئن ڪوئيٽا ۾ ڪيو ويو.

هن ملڪ ۾ جيئن ته اليڪشن جنگ وانگر وڙهي ويندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو چونڊ مهم کان وٺي پولنگ تائين يا ان کانپوءِ نتيجن تائين وارو سمورو عرصو رتوڇاڻ کان خالي نه هوندو آهي. ملڪي تاريخ ۾ سڀ کان وڏي خوني چونڊ مهم 2007ع واري اليڪشن (جيڪا پوءِ 2008ع ۾ ٿي) جي هئي، جنهن ۾ ڪارساز سانحو ٿيو ۽ پوءِ محترما بينظير ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو. هن ڀيري به ڪيترن ئي تڪن ۾ چونڊ مهم کان روڪيو ويو. جتي جتي چونڊ مهم هلي، چونڊ مهم دوران هميشه وانگر هن ڀيري به اميدوارن ووٽرن سان واعدا ۽ وچن ڪيا. ٻٽ کي بوستان ۾ تبديل ڪرڻ جا واعدا ٿيا. بجلي مفت ڏيڻ جا واعدا ڪيا ويا. اهڙا واعدا، جيڪي اسان جي ملڪ ۾ ڪڏهن به وفا ناهن ٿيندا. جيڪي واعدا صرف ڪرڻ لاءِ هوندا آهن، پوري ڪرڻ لاءِ نه ۽ وري پنجن سالن کانپوءِ ساڳين ئي واعدن جو ورجاءُ ٿيندو آهي. ها، البته هن ڀيري چونڊ مهم دوران نئين تبديلي اها ڏسڻ ۾ آئي، جو ڪيترن ئي هنڌن تي ووٽ گهرڻ لاءِ ايندڙ اميدوارن کان ووٽرن طرفان سخت پڇاڻو ٿيو، انهن کي مياروڻ ڏنيون ويون. ڪيترن ئي هنڌن تي انهن جي اڳرن لفظن سان 'آجيان' پئي ٿي. ماڻهن هن ڀيري جهڙي نموني اميدوارن جو پولنگ کان اڳ ۾ ئي جيڪو احتساب ڪيو، اهو ووٽ جي حوالي سان ماڻهن جي سجاڳي جي ثابتي ۽ ووٽ جي قدر ۽ قيمت جي احساس جو ثبوت آهي. ماڻهن ۾ اهڙي جاڳرتا جو پيدا ٿيڻ هڪ سٺي تبديلي آهي. گهٽ ۾ گهٽ آئنده ڪوبه اميدوار ان مغالطي ۾ نه هوندو ته ووٽ سندس کيسي ۾ پيا آهن ۽ عوام ووٽ ڏيڻ جي مشين آهي، جنهن جو ڪم آهي ووٽ ڏيڻ جي نيڪي ڪري ويسر جي کوهه ۾ اڇلائي ڇڏڻ. گهٽ ۾ گهٽ ووٽ جي حوالي سان پراڻو دقيانوسي طريقو تصور ٿيڻ گهرجي.

سياست ۾ سهپ ۽ رواداري اهم گڻ ليکيا وڃن ٿا، پر اسان جي ملڪي سياست مان اهي گڻ غائب ملندا. اهو سياست ۾ اَسهپ جو ئي نتيجو آهي، جو ان ۾ رتوڇاڻ وارو رنگ غالب رهندو اچي. سياست مان جيستائين عدم برداشت کي نيڪالي نه ڏني ويندي، تيستائين اڻ ڏري ۽ شفاف اليڪشن جو امڪان پيدا ٿي نه سگهندو. هاڻي جڏهن چونڊ مهم جو وقت ختم ٿي ويو آهي، اميدوارن، ووٽرن، اليڪشن ڪميشن ۽ انتظاميا جو سمورو ڌيان پولنگ واري عمل ڏانهن آهي، ان وقت به سهپ ۽ رواداريءَ جي اعليٰ قدرن جي پوئيواري ٿيڻ گهرجي. انتظاميا کي به گهرجي ته اهڙا اپاءُ ورتا وڃن، جو پولنگ واري ڏينهن چونڊ مهم وارن خوني منظرن جو ورجاءُ نظر نه اچي.

فرانسس بيڪن ۽ چئن بتن جو ذڪر

ڊاڪٽر محمد الياس ڀٽو

فرانسس بيڪن جي چِٽي تنقيد نگارن مطابق هن جو ڀهريون ڪتاب "نيو آرگينم" (علم جو نئون اوزار 1620ع) سندس عظيم ترين تخليق هئي. هن کان اڳ منطق کي نئين سر جياري ۽ استقرائي استدلال (Inductive Reasoning) کي سهڻوءِ قابلِ تسخير بڻائڻ ۾ بيڪن کان سواءِ ڪنهن ٻئي بني بشر ايتري جاکوڙ نه ڪئي هوندي. جيڪڏهن ڪنهن کي منطق پڙهڻو آهي ته ان کي شروعات بيڪن جي هن ڪتاب کان ڪرڻ گهرجي. "انساني فلسفي جو هي حصو جيڪو گهڻن ماڻهن جي پسنديده ذاتي ونان نه آهي، منطق کي هڪ باريڪ، پيچيده ۽ ڪنڊيدار چار وانگر پيش ڪري ٿو پر جيڪڏهن اسان شين کي سندن حقيقي معنيٰ ۽ ملهه مطابق تورڻ چاهيون ته سائنس ئي اسان کي سيني شين جون بهتر ساهميون عطا ڪري ٿي."

بيڪن مطابق فلسفو ڪافي عرصي کان سُڪل ۽ بي ثمر بڻجي چڪو هو ان کي زرخيز بڻائڻ لاءِ هڪ نئون طريقو جيڪو يوناني فلسفين وٽ موجود نه هو. گهربل هو. يونان جي فلسفين جي بدترين غلطي اها هئي ته انهن نظرئي يا تصور جي اپنار تي ته تمام گهڻو وقت خرچ ڪيو پر ان جي بر عڪس مشاهدي کي اوترو ئي نظرانداز ڪيو. ياد رهي ته سوچ يا تصور کي مشاهدي جو ساٿي هجڻ گهرجي، نه ڪي ان جو متبادل! بيڪن جو ڪتاب "علم جو نئون اوزار" جي ابتدا ما بعدالطبيعات علمن کي بُري طرح ڏونڌاڙي ۽ للڪاري ڇڏي ٿي. پاڻ چوي ٿو ته انسان جيڪو فطرت جو ترجمان ۽ اڳواڻ آهي، پنهنجي وٽ آهر اوترو ئي سمجهي ۽ عمل ڪري سگهي ٿو جيترو ان لاءِ سندس فطرت متعلق اڻ ڏريو مشاهدو رستا کولي ٿو ان ڪري هوان کان وڌيڪ نه ڄاڻي ٿو نه وري ڄاڻي سگهي ٿو. سقراط کان اڳ وارا فلاسافر هن معاملي ۾ سندس پوئلڳن کان بهتر هئا. مثال طور ڊيموڪرائيٽس حقيقت ۽ مشاهداتي ثبوتن کي تصوراتي نظرين تي ترجيح ڏيندو هو. ان ۾ ڪا حيرت جي ڳالهه نه آهي ته ارسطو کان وٺي (399BC) کان 1620ع تائين) فلسفي ڪابه ترقي نه ڪئي ۽ جمود جو شڪار رهيو. ڇو ته فلسفو ارسطو جي جوڙيل منطقي ڪوڙڪي ۾ قائل هو (سقراط جي منطق جو مثال: سڀ انسان فاني آهن؛ سقراط هڪ انسان آهي؛ انڪري سقراط فاني آهي). هن ڳالهه کي فرانسس بيڪن هيئن پيش ڪري ٿو: "ارسطو جي روشني استعمال ڪندي ارسطو کان اڳتي وڃڻ بلڪل ايئن آهن، جيئن اهو سوچجي ته ڪنهن طريقي سان اڌاري ورتل روشني اصل روشني کان وڌيڪ تيز بڻائجي." نتيجي ۾ ارسطو کان پوءِ به هزار سالن تائين فڪر، علم ۽ فلسفي ۾ جمود رهيو. هن جي فلسفي بدولت مٿين عرصي ۾ سنڌس ناهيل مشين سان فلسفي جي چانگ ۽ چند ڇاڻ جاري رهي پر ڪو خاص نتيجو ملڻو نه هو انڪري فلسفي ڪا به ترقي نه ڪئي؛ ان ڪري بيڪن جي دور ۾ اهو اينترو ڪري پيو هو جو ڪوبه ان کي عزت جي نگاهه سان نه پيو ڏسي. ان ڪري بيڪن جو دليل هو ته هن وچ واري عرصي جا سڀ نظريا، حسابي ٿيورم ۽ دليل اڇلائي ۽ وساري ڇڏڻ گهرجن ۽ هاڻي فلسفي کي نئين سر جيارڻ لاءِ اسان کي هڪ دفعو وري هڪ صاف ۽ شفاف ذهن سان شروعات ڪرڻي پوندي.

هن سلسلي ۾ ڀهريون ڏاڪو ذهن ۽ ذهانت جي صفائي ۽ چانگ آهي. يعني اسان کي هڪ دفعو وري هڪ ٻار بڻجڻو پوندو جنهن جو ذهن هر نظرئي ۽ تصور کان پاڪ هوندو آهي؛ جنهن جو ذهن ماضي توڙي حال جي هر ساڙ ۽ بغض کان پاڪ هوندو آهي. ان ڪري اسان کي پنهنجن ذهنن منجهان چار قسمن جي غلط تصورن کي ڪوري ڪڍڻو پوندو. بيڪن مطابق چار قسمن جي بتن کي ڪيرائڻو پوندو. هن مطابق هڪ بُت اها تصوير آهي، جيڪا هڪ سچائي جي بدران انسانن طرفان گهڙي وئي آهي. ان جو مطلب هي آهي ته هڪ حقيقي شيءِ لاءِ من گهڙت خيال هڪ بت آهي. دنيا جهان جون سڀ غلطيون ڪنهن نه ڪنهن قسم جي بت سان واسطو رکن ٿيون. منطق جو ڀهريون ڏاڪو هنن غلطين جا ڪارڻ هڪ هنڌ ڪٺو ڪرڻ آهي. ڪونڊيليڪ مطابق بيڪن کان وڌيڪ انساني ذهن جون غلطيون اڄ تائين ڪنهن به ڪونه ڪڍيون آهن. بيڪن هنن غلطين کي چئن بتن هيٺ بحث ۾ آندو آهي.

(1) قبيلي جا بُتَ :(Idols of the Tribe)

انساني ذهن جي هن قسم جي غلطين کي انسان ذات جون عمومي غلطيون چئي سگهون ٿا. بيڪن مطابق "قبيلي جا بت" وارين غلطين مان مراد انسان بذاتِ خود هڪ قبيلي طور ٻين انسانن تي اثرانداز ٿئي ٿو ٻين لفظن ۾ هڪ انسان جا پيش ڪيل تصور ۽ نظريا انسانن تي اهڙي نموني اثروجهن ٿا جو اهي اڪثر ڪري انهن جي حمايت ڪندڙ ۽ حمايت ۾ دليل ڏيندڙ بڻجي ويندا آهن.

انساني حواسن کي غلط طور تي شين جي معيارن سان جوڙيو ويندو آهي، جڏهن ته اصل ۾ اسان جي حواسي تصورات جڙڻ ۾ حواسن ۽ تصوراتي کهاٽين جو هڪ جيترو عمل دخل هوندو آهي. ٻئي پاسي حواسي شين ۽ تصورات ماڻهن سان وابسته هوندا آهن نه ڪي پوري ڪائنات سان. جو ته اسان شين ۽ تصورن کي پنهنجي تناظر ۾ ڏسندا آهيون. جڏهن ته ڪائنات هڪ وسيع ڪينواس آهي. جنهن تائين اسان جي پهچ نه هوندي آهي. هن نقطي کي هيئن سمجهي سگهجي ٿو ته انساني ذهن غير هموار آئينن مثل آهي جنهن کي شين جي عڪس کي توڙڻ ۽ مروڙڻ جي پنهنجي خاصيت هوندي آهي. ان ڪري اسان جا خيال ۽ نظريا اهي بگڙيل تصويرون هونديون آهن. جن جو حقيقت سان گهڻو تعلق نه هوندو آهي.

انساني سوچ ۽ سمجهه فطري طور تي شين ۾ ترتيب ۽ توازن ڏسڻ چاهيندي آهي پوءِ پلي حقيقت ۾ اهو توازن هجي يا نه هجي. مثال طور، هڪ ناقص تصور اهو به آهي ته سڀ آسماني جسم مڪمل ۽ پورن دائرن ۾ گهمندا آهن. جڏهن ته ايئن آهي ڪونه! بيڪن چوي ٿو: عام عقيدي يا ان جي تسڪين لاءِ جڏهن ڪنهن انسان طرفان هڪ جملو پيش ڪيو ويندو آهي ته پوءِ هوان عقيدي سان لاڳاپيل هر ماڻهو کي مجبور ڪري ٿو ته هو ان جي حمايت يا تصديق لاءِ پنهنجي طرفان ڪجهه چوي. پر اڪثر حالتن ۾ حقيقت ڪجهه ٻي هوندي آهي، جيڪا هن اثر هيٺ نظر نه ايندي آهي. يا اهو تصور (جملو يا سچائي) نه مڃيندڙن کي تڏي ڇڏيندو آهي ۽ پاڻ سان مخالفت جي ڪري انهن کي پاڻ کان ڪٽي ڇڏيندو آهي. ۽ هن عمل ۾ اڪثر ڪري مخالفن سان تشدد ۽ تعصب وارا رويا شامل ٿي ويندا آهن. انهن سڀني ڳالهين باوجود شروع ۾ پيش ڪيل تصور ۽ پهرين نتيجي جي سنڌن پوئلڳن طرفان ڪڏهن به قربان نه ڪيو ويندو آهي.... هن قسم جا سڀ وهم ايئن ئي پيدا ٿيندا آهن چاهي اهي فلڪيات، خوابن، سائن سنئوڻن يا وري مذهبن سان تعلق رکندا هجن. هنن وهمن ۾ پڪي عقيدي وارا فقط انهن واقعن جو مشاهدو ڪندا آهن، جيڪي سچا ثابت ٿيندا آهن. پر جن واقعن (ڳالهين) ۾ اهي ناڪام ٿيندا آهن، اهي عام طور تي نظرانداز ڪيا ويندا آهن.

ڪنهن مسئلي يا سوال بابت جيڪڏهن اسان شروع ۾ ئي پنهنجو فيصلو يا ارادو مقدم رکون ۽ پوءِ تجربا ان جي پيروي ڪندا هجن ته پوءِ اهو ارادو ۽ اهو خيال گهڻو ممڪن آهي ته سچ ثابت ٿي رهي. اهڙي ريت اسان پنهنجن فيصلن ۽ تصورن جا قيدي ٿي ويندا آهيون. مختصر لفظن ۾ انساني شعور ۽ سمجهه خشڪ روشني مثل نه آهي پر ان سان سڀني حالتن ۾ اسان جي مرضي ۽ اسان جا جذبا ڪنهن نه ڪنهن نموني سلهاڙيل هوندا آهن. سائنسي طريقه ڪار به هن مسئلي کان آجو نه آهي پر پروي به تصديق لاءِ پين ماڻهن لاءِ ڪليل رهي ٿو جيڪڏهن انسان وٽ سچائي ميسر هجي ها ته اهو ان تي تڪڙوئي يقين ڪري ها، چا ايئن نه آهي؟

هن جاءِ تي بيڪن هڪ سونهري صلاح پيش ڪري ٿو: "عمومي طور فطرت جي هر هڪ شاگرد کي هي اصول اپنائڻ گهرجي ته هن جو ذهن جن خيالن ۽ نظرين سان لاڳاپيل آهي، اهي سڀ وقتي طور ڪنهن ڪوري پاسي تي رکي ڇڏڻ گهرجن. ان سان اهو شاگرد جيڪو به سوال يا مسئلو حل ڪرڻ وڃي رهيو آهي ان تي اصل سبب ۽ نتيجا واضح ٿي ويندا."

اسان جي پنهنجي سوچ ۽ سمجهه کي مشاهدي جي بنياد تي ثابت ٿيندڙ شين ۽ نظرين کي ڇڏي آسمان تي اڏامڻ نه گهرجي ۽ ڪو به عام اصول يا قانون ٺڪرو جوڙڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي پران کي مشاهدن ۽ تجربن جي آڌار تي ثابت ٿيندڙ ڳالهه يا نظرئي تائين محدود رهڻ گهرجي. هن جاءِ تي خيال جي اڏام ذهانت جي دشمن آهي. جڏهن ته ان کي مشاهدن جي آڌار تي عارضي تصور (مفروضي) جوڙڻ لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي، جنهن کي اسان جا تجربا اڳتي هلي رد يا قبول ڪري سگهن.

(2) غار جا بُتَ (Idols of the Cave)

بيڪن مطابق هن قسم جي بتن هيٺ اهي انساني غلطيون اچن ٿيون جيڪي هر انسان لاءِ انفرادي يا ذاتي طور سندس سمجهه ۽ شعور ۾ موجود رڪاوٽ يعني غار يا کاهي جي ڪري پيدا ٿين ٿيون. انسان جي اها غار يا کاهي فطرت جي حقيقي روشني ۽ سچائيءَ کي توڙي مروڙي ۽ بي رنگ بڻائي ڇڏي ٿي. اها ڪوتاهي هر انسان جي جينياتي جوڙجڪ، ذهانت، ماحولياتي اثرن ۽ سندس وقتي رجحانن جي ڪري پيدا ٿئي ٿي. مثال طور ڪجهه انسان فطري طور تجزيو ڪندڙ هوندا آهن ۽ شين ۾ فرق ڏسڻ جي صلاحيت رکندا آهن. جڏهن ته ٻيا وري فطري طور هڪجهڙائيون ڏسندڙ ۽ شين کي گڏيندڙ هوندا آهن. ان ڪري هڪ پاسي اسان وٽ دنيا ۾ سائنسدان ۽ مصور هوندا آهن ته ٻئي پاسي وري شاعر ۽ فلسفي هوندا آهن. ساڳي ريت ڪجهه حلماءَ ٻهاڪا قديم ۽ پراڻين شين ۽ ريتن رسمن جي ساراهه ڪندڙ هوندا آهن جڏهن ته ڪجهه وري اسان کي نئين دنيا ڏيکاريندڙ هوندا آهن. دنيا ۾ چند ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي هنن ٻن انتهائن جي وچ وارو رستو وٺڻ جي قابل هوندا آهن. اهي ماڻهو قديم تهذيبن جي بيڪار ۽ نقصانڪار ريتن، روايتن ۽ تصورن کي رد ڪندي ۽ انهن جي خوبصورت ۽ فائديمند ريتن رسمن، روايتن ۽ تصورن کي تسليم ڪندي پنهنجين زندگين کي آسان بڻائيندا آهن. اها هڪ حقيقت آهي ته سچائي ڪنهن جي ميراث نه آهي! جيڪو هجي سو لهي.

(3) بازار جا بُتَ (Idols of the Marketplace)

بيڪن مطابق هن قسم جي بتن ۾ ٻوليءَ سان لاڳاپيل انساني غلطيون اچن ٿيون. دنيا جو ڪاروهنوار ۽ واپار ٻوليءَ جي ڪري ئي ممڪن ٿي سگهيو آهي. هر علائقي جي پنهنجي پنهنجي ٻولي هوندي آهي. ان ٻولي ۾ لفظ اسان جا ناهيل نه هوندا آهن پر ٻين ماڻهن طرفان ڪجهه خيالن جي نمائندگي لاءِ اهي مڙهيل هوندا آهن. اهي لفظ (يا ٻولي) اسان کي حقيقت ۽ سچائي تائين پهچڻ ۾ رڪاوٽ جو سبب به بڻبا آهن. جهڙي ريت هڪ ٻي ٻولي ڳالهائيندڙ کي هڪ بازار مان پنهنجي/ڏسو صفحو 7 بقايا 01

مقصد جي غير موجود شئي کي خريد ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي ڏکيائي پيش ايندي آهي. اهڙي ريت هر ٻوليءَ جي بناوت، گرامر ۽ شاهوڪاري جي سطح ان جي ڳالهائيندڙن لاءِ شين، تصورن ۽ نظرين کي سمجهڻ يا ٻين لفظن ۾ سچائي تائين پهچڻ ۾ آساني يا رڪاوٽ پيدا ڪندي آهي. فلسفين جي خيالن جي اڏام لامحدود ۽ لامڪان طرف هوندي آهي جڏهن ته ٻوليدان وري گرامر جي بناوتن ۽ فعل جي صورتن کان اڳتي چڙهي نه سگهندا آهن ۽ تصوراتي دنيا جون اوٺايون انهن جي تنقيد جو موضوع نه هونديون آهن. ان ڪري فلسفي جا تصور هڪ ٻولي ۾ صحيح طرح سان نهڪيل نه هوندي نه به صحيح سمجهيا ويندا آهن. مثال طور فلاسافر چوندا آهن ته هر شئي جو نااهيندڙ آهي پر خدا پنهنجو پاڻ نهيو آهي. جا اهڙي قسم جا جملا ٻوليءَ جي بناوت مطابق ۽ سببن ۽ نتيجن مطابق صحيح نموني نهڪي بيهن ٿا؟ هر سالم ذهن ۽ ايماندار ذهنيت وارو ماڻهو چاڻي ٿو ته ڪو به سبب بنا سبب جي پيدا نه ٿو ٿئي.

(4) ٿيئٽر جا بُتَ (Idols of the Theater)

بيڪن مطابق هي اهي انساني غلطيون آهن، جيڪي مختلف وقتن تي مختلف فلسفين طرفان سندن نظرين ۽ سندن مشاهدن جي قانونن جي صورت ۾ اسان جي ذهنن تائين پهتيون آهن. هن کي ٿيئٽر جا بت ان ڪري چيو وڃي ٿو جو اهي نظريا غير حقيقي ۽ نمائشي انداز ۾ اسان جي ذهنن ۽ سوچن جي پردي يا ٿيئٽر تي ڏيکاريا ويندا آهن. فلسفي جي اسٽيج تي اهي دراما شاعرن جي تصوراتي ڪهاڻين وانگر هوندا آهن جيڪي اسان جي پسند مطابق مختصر ۽ سهڻي صورت ۾ هونديون آهن. جڏهن ته تاريخي حقيقت ۽ سچائي ايئن نه هوندي آهي. افلاطون جي دنيا اها ئي آهي جيڪا افلاطون طرفان ناهي وئي هئي، نه ڪي اصلي دنيا (هن مطابق دنيا اسان جي ذهن کان ٻاهر وجود نه ٿي رکي؛ مادي دنيا ۾ فقط اهي شيون حقيقتون آهن جيڪي اسان جي ذهني تصورات ۾ وجود رکي سگهن ٿيون.)

اسان هن قسم جي غلط نظرين کي ساٿي بڻائي سچائي ڏانهن ڪڏهن به گهڻو اڳتي وڌي نه ٿا سگهون. ان ڪري اسان کي سوچ، سمجهه ۽ استدلال جا نوان طريقا گهربل آهن. ويسٽ انڊيز جا ڳوڙها علائقا ڪڏهن به دريافت نه ٿين ها، جيڪڏهن انسان ذات قطب نما (Compass) ايجاد نه ڪري ها. ان ۾ حيرت جي ڳالهه ناهي ته جڏهن سائنس جي دنيا کان اسان ناواقف هئاسين ته ان وقت اسان جو معاشرو مختلف هنرن ۽ فنن کان به ناواقف هو يقينن اها هڪ بدبختي آهي ته هن وقت مادي دنيا جيئوٽيڪ اسان لاءِ هڪ کليل ڪتاب وانگر آهي پر پوءِ به اسان جي ذهني ۽ تصوراتي دنيا پراڻين دريافتن ۽ تصورن ۾ قيد آهي! جڏهن سائنس ان قابل ٿي ويندي جو اها شين جا حقيقي تصور يعني قانون دريافت ڪري وٺندي ته پوءِ هي سڄي دنيا انسان ذات لاءِ هڪ خام مال وانگر ميسر هوندي. جنهن منجهان انسان پنهنجي مرضي ۽ پنهنجي ذهن سان هر اها شيءِ ناهي سگهندو، جيڪا هُو چاهيندو!

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا؛
جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾ آزَرَ جا آنوا؛
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضنِ کي.

ٻوڏ ۾ نظرانداز ڪرڻ پ پ کي مهانگو پئجي ويو

غلام نبي ملوڪاڻي

سانگهڙ ضلعي جي 5 صوبائي ۽ 2 قومي تڪن تي جي ڊي اي ۽ پيپلز پارٽي ۾ چونڊ دنگل ٿيندو. 2023 جي برساتي ٻوڏ ۾ عوام کي نظرانداز ڪرڻ پيپلز پارٽي کي مهانگو پئجي ويو، ووٽر ناراض آهن. ڪيترين ئي برادرين پ پ کي الوداع ڪري جي ڊي اي ۾ شامل ٿي ويون.

سانگهڙ جي عوام پاران پ پ جي گذريل 15 سالن جي دور ۾ عوام جي خدمت ڪرڻ ۽ ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ بجاءِ ترقياتي منصوبن ۽ ماڻهن جي ڀلائي وارن ڪمن لاءِ ايندڙ ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ٿيڻ. پاڻ، ٻج، ٻوڏ ۽ متاثرن جا گهر ٺهرائڻ جي مد ۾ ايندڙ پيسا علائقي تي خرچ نه ٿيڻ ۽ اها رقم ڪيڏانهن وڃڻ وڃڻ بابت پ پ کان عوام جو پڇاڻو پنهنجا نوازي ۽ رقم هڙپ ڪرڻ جا الزام هڻي ڪري پ پ جي اميدوارن جو مختلف جاين تي پنهنجي تڪن ۾ ورڪ دوران تڪ جي عوام پاران گهيراءُ ڪري ڪانئن پڇاڻو ڪيو پيو وڃي. هر هنڌ عوامي مزاحمت سامهون اچڻ ڪري پ پ جا اميدوار ورڪ ڪرڻ ۾ به ناڪام ٿي ويا.

اهڙي طرح ضلعي سانگهڙ ۾ جي ڊي اي جي اميدوارن جو پلڙو ڳرو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. 50 سالن کان پاڪستان پيپلز پارٽي کي ووٽ ڪندڙ برادرين جا نيڪ مرد هاڻي پ پ کي خدا حافظ ڪري جي ڊي اي ۾ شامل ٿي ويا، جنهن ۾ سيد، مجيداڻا، خاصخيلي، ٻبر، بوزدار، سهتا، مري، ملوڪاڻي، جلالاڻي، لاڪا، پڇارا، ڪوري، پنهاڻ، چنڊ، ٽالپر، ڪلوئي، ٿهيم، بروهي، چنڊيا، رند، حاجاڻا، پرڙا، لغاري، ابڙا، شر، لسڪاڻي ۽ اقليتي برادري جي ماڻهن سميت سوين برادرين پ پ کي الوداع ڪري جي ڊي اي جي اميدوارن کي پنهنجي خرچ تي گهرائي ڪارنر گڏجاڻيون سڏائي ڪين اجرڪون ۽ لونگين جا تحفا ڏئي، جي ڊي اي جي اميدوارن کي 8 فيبروري تي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪرڻ جا اعلانات ڪرڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي. سڄي ضلعي ۾ ڪرندڙ ساک ڏسي پ پ قيادت مايوس ٿي وئي آهي.

اڳ ۾ ئي پ پ قيادت ضلعي سانگهڙ اندر ووٽرن کي متحد ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيڻ ڪري سخت پريشان آهي. جڏهن ته سيٽن ورهائڻ تان پ پ ضلعي سانگهڙ جي اڳواڻن ۾ هڪٻئي خلاف ۽ پ پ قيادت جي غلط پاليسين خلاف ڪافي اميدوار ناراض ٿي آزاد اميدوار طور فارم ڀرائي اليڪشن وڙهڻ لاءِ تيار ٿيل آهن. ڪجهه اميدوارن کي ضلعي سانگهڙ جي چيئرمين شپ ڏيڻ سينيٽ ۾ سيٽون ڏيڻ جي آسرن تي هٽ ڪنايو آهي. باقي ڪجهه اڳواڻن کي پ پ قيادت ضلعي سانگهڙ ۾ اڳواڻن کي مڃائڻ لاءِ بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصف ڀٽو زرداري پڻ 2 دورا ڪري چڪا آهن. پر اڳواڻن کي ضلعي سانگهڙ اندر مڃائڻ ۾ ناڪام ٿي واپس مايوس ٿي ويا.

جڏهن ته سڄي ضلعي جي عوام پڻ پ پ کي سٺي موٽ ناهي ڏني. 2023 جي تازين برساتن ۾ پ پ ضلعي سانگهڙ جي چونڊيل نمائندن ضلعي سانگهڙ ۾ نڪي جو به ترقياتي ڪم ناهي ڪرايو. برساتي پاڻي جو به نيڪال ڪرڻ لاءِ بهتر اپاءُ نه ورتا ويا. الٽو شاخن ۽ واهن کي ڪٽ هڻي مسڪين ماڻهن جي گهرن ۽ فصلن کي ٻوڙايو ويو هو. اهڙي عمل تي ٻڻ عوام کي وڏي ڪاوڙ آهي. برساتي ٻوڏ کان پوءِ پاڻ، ٻج ڏيڻ ۽ گهر ٺهرائي ڏيڻ جا واعدا ڪيا پر عوام کي ڪوبه رليف نه ڏنو ويو. هتان جا پ پ اڳواڻ ايندڙ رقم به غريب آبادگارن کي ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي ويا. ٻوڏ دوران عوام لاءِ ايندڙ راشن، ٽينٽ، مال جو چارو بوهه، مڇردانين جي مد ۾ ايندڙ ڪروڙين روپين جي رقم عوام کي ڏيڻ بجاءِ پ پ جا اميدوار هڙپ ڪري ويا.

هن چونڊ دوران عوام جو چوڻ آهي ته هاڻي پ پ وارن کي ووٽ ناهي ڏيڻو. ان ڪري پ پ اڳواڻ زرعي زمينن جو پاڻي بند ڪرڻ، شاخون واهه بند ڪرڻ جون سرعام ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، جنهن جا وڊيو به سوشل ميڊيا تي وائر ٿيندا رهيا آهن. اهڙين ڌمڪين کان پوءِ ضلعي سانگهڙ جي ساجاهه وندن، برادرين جي نيڪ مردن ۾ پ پ جي اميدوارن مٿان ڪاوڙ جي لهر ڇانيل آهي. ڏيلي هڪ به برادرين جا نيڪ مرد پ پ کي الوداع ڪري جي ڊي اي ۾ شموليت ڪري رهيا آهن.

اهڙي طرح اين اي 209 تي پ پ جي اميدوار شازيا عطا مري، جي ڊي اي جي اميدوار وڏيرو محمد خان جوڻيجو وچ ۾ سخت مقابلو ٿيڻو آهي. سروي دوران جي ڊي اي جي اميدوار محمد خان جوڻيجو جو پلڙو ڳرو نظر اچي رهيو آهي. پي ايس 42 جام نواز علي تي جي ڊي اي جي اميدوار جام نفيس علي جي جيت نظر اچي رهي آهي. سندس سامهون بيٺل اميدوار جام شبير علي کي عوام پاران موٽ نه ملڻ ڪري هو مايوس نظر اچي رهي آهي. پي ايس 40 سانگهڙ تي جي ڊي اي جي اميدوار دستگير راجڙ جو پلڙو ڀاري آهي. سانگهڙ تان پ پ جي ٽڪيٽ تي ڪائونسلر چونڊجي ايندڙ وڏو ووٽ رکندڙ جمعه خان اڪروني جي ڊي اي ۾ شموليت ڪري ڇڏي. ان ڪري سندس سامهون پ پ اميدوار نويد ڏيرو جي کٽڻ جا امڪان گهٽ ٿيندا پيا وڃن. پي ايس 41 کپرو تي جي ڊي اي جي اميدوار قاضي شمس الدين راجڙ جي پوزيشن مضبوط ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي. جڏهن ته اين اي 210 تي پ پ جي علاؤ الدين جوڻيجو، جي ڊي اي جي سائرا بانو وسان ۾ سخت مقابلو ٿيندو. جڏهن ته پي ايس 44 شهدادپور تي جي ڊي اي جي اميدوار محمد بخش خاصخيلي ۽ پ پ جي اميدوار شاهد خان ٿهيم وچ ۾ مقابلو ٿي رهيو. پ پ جي اميدوار شاهد خان ٿهيم جو تڪ جو عوام هر هنڌ گهيرو تنگ ڪري ڇڏيو آهي. ووٽر کانئس سخت قسم جا سوال جواب ڪري رهي آهي ته اسان جي لاءِ 15 سالن ۾ ڇا ڪيو ائن. اهڙي طرح جي ڊي اي جي اميدوارن کي سرسي حاصل آهي. جڏهن ته پي ايس 43 ٽنڊو آدم تي پ پ جي اميدوار پارس ڏيرو ۽ جي ڊي اي جي اميدوار نياز حسين مري وچ ۾ سخت مقابلي جا امڪان آهن. ورڪ دوران پ پ جي اميدوارن کان عوام سوال جواب ڪري ٿو عوام جي سوال جوابن تي پ پ جا اميدوار عوام آڏو ترديدون ڪرڻ ۾ پورا آهن.

پ پ جا اميدوار عوام کي راضي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويا آهن. جڏهن ته پ پ اميدوار پنهنجي ناڪامي کي لڪائڻ لاءِ جي ڊي اي جي اميدوارن مٿان مختلف قسمن جا الزام هڻي رهيا آهن. هوڏانهن جي ڊي اي جي اڳواڻن اهڙن الزامن کي رد ڪندي چيو آهي ته پ پ پنهنجي شڪست ڏسي هاڻي اسان مٿان ڪوڙا منگهڙت الزام هڻي رهي آهي، جن ۾ ڪابه صداقت ناهي.

ضلعي سانگهڙ ۾ ڪجهه اهڙيون به برادريون مليون آهن، جن پنهنجي ڌرين کي ووٽ نه ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. پ پ جي اميدوارن تي ڪرپشن ۽ زرعي پاڻي بند هڻڻ سبب مٿي ذڪرو ٿيل برادرين ووٽ نه ڏيڻ ڪري پ پ کي الوداع ڪري جي ڊي اي ۾ شموليت ڪري ڇڏي آهي. اهڙي طرح ضلعي سانگهڙ ۾ جي ڊي اي جي اميدوارن جو پلڙو ڀاري ڳرو اچي رهيو آهي.

بقايا 01

۾ 10 ڄڻا مارجي ويا. خانوزئي ۾ ٿيندڙ ڌماڪي کان پوءِ علائقي ۾ بيٺل موٽر سائيڪلون تباهه ٿي ويون. ڌماڪي جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو زخمي به ٿيا آهن جڏهن ته 15 ڄڻن جي مارجي وڃڻ جي تصديق به ڪئي وئي آهي. پوليس ٻڌايو آهي ته ڌماڪي جي اطلاع ملندي ئي پوليس جي وڏي نفري علائقي ۾ پهچي وئي آهي جڏهن ته زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. خانوزئي اسپتال جي ايم ايس تصديق ڪئي ته ڌماڪي کان پوءِ 15 ڄڻن جا لاش ۽ 30 کان وڌيڪ زخمين کي اسپتال آندو ويو آهي جن مان ڪيترن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته ڌماڪو عام چونڊن ۾ حصو وٺندڙ اميدوار ۽ اڳوڻي وزير اسفنديار ڪاڪڙ جي آفيس ٻاهران ٿيو آهي پر اهو ان وقت آفيس ۾ موجود نه هو ڌماڪي وقت علائقي ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهو موجود هئا. جڏهن ته ٻين سياسي پارٽين جون آفيسون به ساڳئي علائقي ۾ موجود آهن.

بقايا 02

پي ٽي آءِ ڪارڪنن کي ورغلائڻ ۽ ملڪي ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ جو الزام آهي. نو مئي جي واقعن ۾ ملوث ماڻهن کي رياست خلاف غداري جي ڏوهه ۾ ملوث قرار ڏنو ويو آهي. ذريعن موجب، راجا ناصر پنهنجو ڏوهه قبولي ورتو آهي ۽ نو مئي سانحي جي ماسٽر مائنڊ خلاف سلطاني شاهد بڻجڻ لاءِ تيار آهي

بقايا 03

14 لک 90 هزار چونڊ عملو پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏيندو. سڄي ملڪ ۾ 90 هزار 675 پولنگ اسٽيشنز ۽ 2 لک 66 هزار 389 پولنگ بوٿ قائم ڪيا ويا آهن. هر تڪ جو غير حتمي غير سرڪاري نتيجو رٽرننگ آفيسر جي آفيسن مان جاري ڪيو ويندو. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري تفصيلن موجب پولنگ صبح جو 8 وڳي کان بنا ڪنهن وقفي جي شام 5 وڳي تائين جاري رهندي. اسلام آباد مان قومي اسيمبلي جون 3 سيٽون آهن جن تي 10 لک 83 هزار 29 ووٽرز پنهنجي نمائندن جي چونڊ ڪندا. پنجاب مان قومي اسيمبلي جي 141 ۽ پنجاب اسيمبلي جي 296 سيٽن تي پنهنجي نمائندن جي چونڊ لاءِ 7 ڪروڙ 32 لک 7 هزار 896 ووٽر پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندا. سنڌ مان قومي اسيمبلي جي 61 ۽ سنڌ اسيمبلي جي 130 سيٽن تي پنهنجي نمائندن جي چونڊ لاءِ 2 ڪروڙ 69 لک 94 هزار 769 ووٽرز پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندا. خيبرپختونخوا مان قومي اسيمبلي جي 44 ۽ صوبائي اسيمبلي جي 113 سيٽن تي پنهنجي نمائندن جي چونڊ لاءِ 2 ڪروڙ 12 لک 63 هزار 408 ووٽرز پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندا. قومي اسيمبلي جي 265 سيٽن تي 5 هزار 113 اميدوار ميدان ۾ آهن جن ۾ 312 عورت اميدوار به شامل آهن. چئني صوبائي اسيمبلين ۾ آمهون سامهون اميدوارن جو ڪل تعداد 12 هزار 645 آهي جن مان 570 عورت اميدوار شامل آهن. بلوچستان مان قومي اسيمبلي جي 16 ۽ صوبائي اسيمبلي جي 51 سيٽن تي پنهنجي نمائندن جي چونڊ لاءِ 53 لک 71 هزار 947 ووٽرز پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندا. قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 8 باجوڙ، پي ڪي 22 باجوڙ، پي ڪي 91 ڪوهاٽ ۽ پنجاب اسيمبلي جي تڪ پي پي 266 رحيم يار خان ۾ اميدوارن جي لاڏاڻي سبب پولنگ ملتوي ڪئي وئي آهي. سڄي ملڪ ۾ 16 هزار 766 پولنگ اسٽيشنون انتهائي حساس، 29 هزار 985 حساس جڏهن ته 44 هزار 26 پولنگ اسٽيشنون نارمل قرار ڏنيون ويون آهن. پنجاب ۾ 5 هزار 624 پولنگ اسٽيشنون حساس ترين جڏهن ته في پولنگ اسٽيشن 5 اهلڪار مقرر ڪيا ويندا. سنڌ ۾ 4 هزار 430 پولنگ اسٽيشنون انتهائي حساس قرار ڏنيون ويون آهن جتي في پولنگ اسٽيشن تي 8 اهلڪار مقرر ڪيا ويندا. اهڙيءَ طرح ڪي پي ڪي ۾ 4665 حساس ترين پولنگ اسٽيشنن تي 9 اهلڪار في پولنگ تي مقرر ڪيا ويندا. بلوچستان ۾ 1047 انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنن مان هر پولنگ اسٽيشن تي 9 اهلڪار مقرر ڪيا ويندا. اليڪشن ڪميشن طرفان اڄ خميس تي اليڪشن جي سلسلي ۾ سڄي ملڪ ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل ضابطه اخلاق مطابق پهرين درجي ۾ سيڪيورٽيءَ جي ذميواري پوليس، جڏهن ته ٻئي درجي ۾ سول آرمڊ فورسز ۽ ٽئين درجي جي ذميواري پاڪ آرمي جي هوندي. ميڊيا طرفان پولنگ اسٽيشنن جا نتيجا پولنگ ختم ٿيڻ جي هڪ ڪلاڪ بعد جاري ڪيا ويندا. ووٽ اصل قومي شناختي ڪارڊ تي ئي وجهي سگهبو جڏهن ته مُدي خارج ٿيل شناختي ڪارڊ به قابل قبول هوندو. اليڪشن ڪميشن طرفان هن سال عام چونڊن لاءِ 26 ڪروڙ بيلٽ پيپرز ڇاپيا ويا آهن جن جي فراهميءَ جو ڪم مڪمل ڪيو ويو آهي. عام چونڊن جي نتيجي جي فراهمي لاءِ اليڪشن مئنيجمينٽ سسٽم "اي ايم ايس" استعمال ڪيو ويندو. پولنگ اسٽيشن پُرامن ۽ امن امان جي صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پرزائيڊنگ آفيسرن کي پهرين درجي جي مئجسٽريٽ جا اختيار ڏنا ويا آهن. حساس ترين پولنگ اسٽيشنن ٻاهران پاڪ فوج مقرر هوندي. چونڊ سامان جي پولنگ اسٽيشن تائين فراهمي، ڳڻپ ۽ ان جي آر اوز جي آفيس تائين واپسيءَ لاءِ سيڪيورٽيءَ جي ذميواري پاڪ فوج جي هوندي. لاڳاپيل مبصرن ۽ ميڊيا کي پولنگ اسٽيشن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت هوندي. سڄي ملڪ ۾ 144 ڊي آر اوز 859 رٽرننگ ۽ اسسٽنٽ رٽرننگ آفيسرن جي مقرري ڪئي وئي آهي. ڪل هڪ لک 91526 پرزائيڊنگ آفيسرن ۽ 7 لک 85060 اسسٽنٽ پرزائيڊنگ آفيسرن جي مقرر ڪئي وئي آهي. 5 هزار ڊيٽا انٽري آپريٽرز کي اليڪشن مئنيجمينٽ سسٽم (اي ايم ايس) ذريعي نتيجن جي جوڙجڪ ۽ فراهميءَ لاءِ آر اوز سان ڳنڍيو ويو آهي.

بقايا 04

ي قبول نه ڪيو جنهن تي افسوس آهي. سڄي دنيا ۾ وزيراعظم ۽ صدر جا اميدوار ميڊيا سامهون پيش ٿيندا آهن، هڪٻئي کان سوال ڪندا آهن، منشور سامهون رکندا آهن. هن چيو ته مان ملڪ کي شهباز شريف جيان نٿو هلائڻ چاهيان. اسان قوم جي مفاد ۾ شهباز شريف کي وزيراعظم بڻائڻ جو فيصلو ڪيو هو. آصف زرداري کي ڪرسي جو شوق هجي ها ته پاڻ وزيراعظم بڻجي وڃي ها. سنڌس چوڻ هو ته اسان سچائي سان 16 مهينا عوام لاءِ ڪم ڪيو، پاڪستان جو وڃايل مقام واپس آڻڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي. مان پرڏيهي وزير طور رات ڏينهن ڪم ڪيو پر هنن جي نيت ڪجهه ٻي هئي، معاشي بحران جي حل ۾ به دلچسپي نه هئي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اهي چاهين ٿا نواز شريف چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻجي. سياسي مقابلو تير ۽ شينهن جو آهي. 8 فيبروري جي ڏينهن ملڪ جي چابي عوام وٽ آهي، عوام ووٽ جو درست استعمال ڪري ته اسان شينهن جو رستو روڪينداسين

بقايا 05

جي حڪمراني ۽ بنيادي آزادين جي تحفظ جو پوري طرح عزم رکي ٿو. بنيادي آزادين جي ضمانت ملڪ جي آئين ۽ قانون ۾ ڏني وئي آهي. چونڊ عمل ۾ ڪنهن به شڪايت جي صورت ۾ قانون موجود آهي. سندن عدالتي نظام منصفاڻو ٽرائل ۽ مناسب عمل فراهم ڪندو آهي. جاري ڪيل بيان ۾ ممتاز زهرا بلوچ چيو ته ملڪ ۾ سياڻي اليڪشن لاءِ سيڪيورٽي پلانز کي قطعي شڪل ڏني وئي آهي. سندس چوڻ هو ته پاڪستان هڪ گڏيل جمهوري عمل کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پرعزم آهي. پاڪستان قانون جي حڪمراني ۽ بنيادي آزادين جي تحفظ جو پوري طرح عزم رکي ٿو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو ته بنيادي آزادين جي ضمانت ملڪ جي آئين ۽ قانون ۾ ڏني وئي آهي، چونڊ عمل ۾ ڪنهن به شڪايت جي صورت ۾ قانون موجود آهي. سندن عدالتي نظام منصفاڻو ٽرائل ۽ مناسب عمل فراهم ڪندو آهي.

بقايا 06

سولنگي چيو آهي ته پنهنجي نمائندن جي چونڊ عوام جو حق آهي، اسان عوام سان گڏ بيٺل آهيون. اليڪشن ۾ فيصلو عوام ڪندي. سمورن خدشن ۽ افواهن کي پٺتي رکندي چونڊون ٿي رهيون آهن. چونڊن جي مرحلي تائين پهچندي ڪيترائي مسئلا درپيش هئا پر ڪنهن به سبب جي ڪري اسان جو حوصلو ڪمزور نه ٿيو. پاڪستان جي عوام دهشتگردي جي خلاف ڏکي جنگ وڙهي آهي. ڪير به اسان کي پنهنجي ان جمهوري عمل کان نه ٿو هٽائي سگهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ جي انتظام هيٺ اليڪشن 2024ع جي ڪوريج جي لاءِ ميڊيا ڪوآرڊينيشن اينڊ فيسلي ٽيشن سينٽر جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته چونڊن جي حوالي سان ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪيترائي خدشا هئا. سمورن خدشن ۽ افواهن کي پٺتي رکندي چونڊون منعقد ٿي رهيون آهن. هن چيو ته گذريل سال منهنجي پهرين پريس ڪانفرنس ۾ مون کان پهريون سوال ئي چونڊن بابت ڪيو ويو هو. ان وقت به اهو ئي چيو هو ته هي ملڪ آئيني جمهوريت تحت قائم آهي. آئيني وفاقي پارلياماني نظام اسان جي سياسي نظام جو بنياد آهي. اليڪشن ڪميشن جيڪا تاريخ ڏيندي، ان تحت ئي چونڊون ٿينديون. هن چيو ته جڏهن چونڊن جي تاريخ جو اعلان ٿيو ته اسان مستقل مزاجي سان 8 فيبروري 2024ع تي چونڊون منعقد ڪرڻ جي موقف تي قائم رهياسين. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته سڀاڻي صبح جو پولنگ شروع ٿيندي ۽ رات جو چونڊن جي غيرسرڪاري نتيجن جو اعلان شروع ٿي ويندو جڏهن ته حتمي ۽ سرڪاري نتيجا اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جاري ڪندي. نگران وفاقي وزير چيو ته چونڊن جي مرحلي تائين پهچڻ ۾ ڪيترائي مسئلا درپيش هئا پر ڪنهن به سبب جي ڪري اسان جو حوصلو ڪمزور نه ٿيو. نگران وفاقي وزير چيو ته لاڳاپيل ادارا تصديق ٿيل خبرون عوام تائين پهچائيندا. هن چيو ته سيڪيورٽي جي مسئلن کي پهريون پيرو منهن نه ڏئي رهيا آهيون. پاڪستان جي عوام دهشتگردي جي خلاف ڏکي جنگ وڙهي آهي. ڪير به اسان کي پنهنجي ان جمهوري عمل کان نٿو هٽائي سگهندو. هن چيو ته 2008ع ۽ 2013ع ۾ سيڪيورٽي جي صورتحال وڌيڪ خراب هئي. دهشتگردي جا ڪجهه واقعا ڪنهن طور به اسان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ عوام جي حوصلن کي ڪمزور نه ٿا ڪري سگهن. هن چيو ته ميڊيا ڪوآرڊينيشن اينڊ فيسلي ٽيشن سينٽر ۾ بهترين انتظام ڪيا ويا آهن جتي صحافين جي ضرورتن جو خيال رکيو ويندو. هن چيو ته ميڊيا عوام جي ڄاڻڻ جي حق جي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي، اسان هر طرح سان انهن جي مدد ڪنداسين. هن چيو ته چونڊن ۾ هاڻي ڪجهه ڪلاڪ باقي آهن، عوام جو حق آهي ته اهي پنهنجا نمائندا چونڊين، اسان عوام سان گڏ بيٺل آهيون، اليڪشن ۾ فيصلو پاڪستان جي عوام کي ڪرڻو آهي.

بقايا 07

ڇڏيس جماعت اسلامي جي اليڪشن سيل انچارج راجا عارف سلطان چونڊن کان اڳ ڌانڌلي ۽ بي ضابطگي جي حوالي سان صوبائي اليڪشن ڪميشن سنڌ جي نالي خط جاري ڪيو خط ۾ لکيو ويو آهي ته اين اي 238 ۽ پي ايس 102 جي پولنگ اسٽيشن ۾ سامان پهتو ته ان مان بيلٽ پيپرن جا 10 باڪس گم هئا. لسٽ موجب 30 باڪس لکيل هئا. جڏهن ته ٿيلهو قائل هو ۽ 20 باڪس موجود هئا. خط موجب اوپر ضلعي ۾ اين اي 238 ۽ پي ايس 102 پولنگ اسٽيشن نمبر 269 غوثيه ڊسپينسري جي پريزائيڊنگ آفيسر محمد شڪور طرفان آر او کي لکت اطلاع ڪيو ويو آهي.

بقايا 08

تي پوليس ۽ رينجرز 5 منٽن اندر پهچي وينديون. آءِ جي سنڌ رفعت مختار جون ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آءِ جي سنڌ ڪامرس ڪاليج ۾ ڊي آءِ ڊي سي جو دورو ڪري چونڊن جو سامان رسائڻ جي انتظامن جو جائزو ورتو. آءِ جي راجا رفعت مختار چيو ته نارمل پولنگ اسٽيشن تي 5 اهلڪار، حساس پولنگ تي 6 اهلڪار ۽ انتهائي حساس پولنگ اسٽيشن تي 8 پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويندا. هڪ سوال جي جواب ۾ آءِ جي سنڌ چيو ته ميرپورخاص ۾ هڪ اميدوار تي فائرنگ ڪئي وئي هئي پر ڪيس کي گولي نه لڳي. قانون هٿ ۾ کڻندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 09

ڪنهن جي چوڻ تي تبديلي ٿي؟ هن مطالبو ڪيو ته چيف اليڪشن ڪمشنر فوري طور تي نوٽيس وٺي پريزائيڊنگ آفيسرن جي تبديل رد ڪري. بدليون شفاف ۽ اڻ ڏرين چونڊن جي رستي ۾ رنڊڪ آهن.

بقايا 10

130882 اهلڪار اليڪشن ڊيوٽي تي مقرر هوندا. سڄي ملڪ ۾ مجموعي طور تي 465736 اهلڪار مقرر هوندا. پنجاب ۾ امن امان جي صورتحال يقيني بڻائڻ لاءِ پوليس جا 216000 اهلڪار مقرر هوندا. سنڌ ۾ 110720، خيبر پختونخواهه ۾ 92535 اهلڪار فرض انجام ڏيندا. جڏهن ته بلوچستان ۾ 46481 اهلڪار اليڪشن ڊيوٽي تي مقرر هوندا.

بقايا 11

بند نه ٿيندي. پي ٽي اي طرفان جاري ڪيل بيان موجب اليڪشن جي ڏينهن صارفين کي انٽرنيٽ جي سهوليت ميسر هوندي. انٽرنيٽ سروس بنا ڪنهن رنڊڪ جي جاري رهندي. حڪومت چونڊن جي ڏينهن انٽرنيٽ بند ڪرڻ جا ڪي به حڪم جاري نه ڪيا آهن.

بقايا 12

ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان جو چوڻ آهي ته عام چونڊن جون تياريون جاري آهن. اليڪشن ڪميشن جو چوڻ آهي ته سمورا صوبائي اليڪشن ڪمشنرز ۽ ترجمان لاڳاپيل صوبن جي ميڊيا ٽيمن سان باقاعدگي سان رابطو ڪن. ترجمان جو وڌيڪ چوڻ آهي ته صحافين کي چونڊن جي حوالي سان مختلف سرگرمين بابت اليڪشن ڪميشن جي تيارين کان آگاهه رکيو وڃي.

بقايا 13

جي جج جسٽس منيب اختر ڪيس جي ٻڌڻي کان معذرت ڪري ڇڏي. جسٽس منيب اختر جو چوڻ آهي ته هو بنيادي ڪيس نه ٻڌي رهيو آهي جنهن ڪري توهين عدالت درخواست جي ٻڌڻي نٿو ڪري سگهي. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته ٽئين بينچ جوڙڻ جي درخواست چيف جسٽس ڏانهن اماڻي وئي آهي. اڄ بينچ جوڙڻ جو امڪان آهي. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته جيڪڏهن اڄ بينچ جوڙي وئي ته ڪجهه دير بعد ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ويندي. جيڪڏهن اڄ بينچ نه ٺهي سگهي ته ڪيس جي ٻڌڻي جمعي ڏينهن ڪئي ويندي. ٻي پاسي گجر، محمود آباد ۽ اورنگي نالن جي متاثرن پاران سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. متاثرن جو چوڻ هو ته ڪين متبادل گهرفراهم نه پيا ڪيا وڃن. هن مطالبو ڪيو ته ڪين متباد گهرفراهم ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 14

ڌماڪن دوران شهيد ٿيندڙ کي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ 3 ڏينهن جي سوگ جو اعلان ڪيو آهي. بلوچستان جي اطلاعات واري وزير چيو آهي ته پارٽ عالمي دهشتگرد آهي. اهي ساڳي ئي ماڻهو آهن جيڪي مچ واري واقعي ۾ ملوث رهيا. واقعن ۾ زخمي ٿيندڙن کي علاج لاءِ ڪوئيٽا نيو پيو وڃي. هن چيو ته هو پنهنجي شهيدن جو بدلو وٺندا. پارت جي دهشتگرد ايجنڊا کي نيست نابود ڪندا. دهشتگردي خلاف جنگ جاري رهندي. چونڊون سياڻي هر صورت ۾ ٿينديون. هن وڌيڪ چيو ته بلوچستان جو عوام سياڻي پرامن طريقي سان پنهنجي حق جو استعمال ڪري. پوليس ۽ ليوي ڪانسٽبل فوجي جوانن کي طلب ڪري سگهجي ٿو. اسان سياڻي انهن دهشتگردن جي مقصدن کي مٽي ۾ ملائي ڇڏينداسين.

بقايا 15

ويجهو پولنگ اسٽيشن تي پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪندو. خميس ڏينهن اسپيڪر پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ لاءِ صبح 8 وڳي پنهنجي رهائشگاهه تان روانو ٿيندو. ان موقعي تي اسپيڪر ميڊيا سان پڻ ڳالهائيندو.

بقايا 16

انهن کي چونڊ وڙهڻ جو موقعو ملي، اهي ته سڀني مخالفن جو خاتمو چاهين ٿا. هن چيو ن ليگ وارا چاهين ٿا ته اڪيلي گهوڙي جيان ميدان ۾ لهن ۽ کٽيون. ن ليگ ملڪي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو اڄ ملڪ ۾ جيڪي حالتون آهن، انهن ۾ ن ليگ جو به ايترو ئي حصو آهي، جيترو پي ٽي آءِ جو آهي. سندس چوڻ هو ته ادارن کي تباهه ڪرڻ ۽ چونڊن کي سدائين تڪراري بڻائڻ ن ليگ جي تاريخ آهي.

بقايا 17

وزيراطلاعات چيو ته ميڊيا ذريعي مستند ۽ وقت سر چونڊ نتيجا عوام تائين پهچائڻ لاءِ سنڌ جو اطلاعات کاتو اليڪشن جي ڏهاڙن ۾ 7 کان 9 فيبروري تائين 24 ڪلاڪ ڪم ڪندو ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل اطلاعات محمد سليم خان، ڊائريڪٽر پريس انفارميشن اختر حسين سورهين، ڊائريڪٽر ايڊمن ۽ اڪائونٽس محمد يوسف ڪابورو، ڊائريڪٽر پبليڪيشن منصور راجپوت، ڊائريڪٽر پريس حزب الله ميمڻ ۽ مختلف اخبارن ۽ ادارن جا سينيئر صحافي موجود هئا.

بقايا 18

چونڊن دوران مڪمل سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ افغانستان ۽ ايران سان سرحدي گذرگاهون 8 فيبروري تي ڪارگو ۽ پيادل هلندڙن جي لاءِ بند رهنديون. اسلام آباد ۾ جاري بيان ۾ هن چيو ته 9 فيبروري تي معمولي جون سرگرميون ٻيهر شروع ٿي وينديون.

بقايا 19

ويا آهن. ڪمانڊوز ڪراچي جي سڀني ضلعن ۾ انتهائي حساس، حساس ۽ نارمل پولنگ اسٽيشنز تي مقرر آهن. اهي مختلف ضلعن ۾ ايس ايس يو هيڊ ڪوارٽرز ۾ ڪوئڪ ريسپانس فورس طور به الرٽ رهندا. مختلف ٽريننگ سينٽرن ۾ تربيتي ڪورس ڪندڙ ايس ايس يو ڪمانڊوز سڄي شهر ۾ مقرر ڪيا ويا آهن. ايس ايس يو ڪمانڊوز اعليٰ تربيت يافته آهن. ايس ايس يو ڪمانڊنٽ ڊاڪٽر فرخ علي موجب ڪمانڊوز شرپسندن طرفان ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکن ٿا.

بقايا 20

زرداري ڪلاڪن جا ڪلاڪ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي مزار تي ويهي دعائون گهرندو رهيو. هن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد مير شاهنواز ڀٽو ۽ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي قبرن تي به حاضري ڏني. پ پ جي چيئرمين، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي گهرواري محترمه امير شيرين بيگم جي قبر تي به حاضري ڏني ۽ فاتحه خواني ڪئي. هن 18 آڪٽوبر سانحي جي گمنام شهيدن جي قبرن تي پڻ حاضري ڀري ۽ فاتحه خواني ڪئي. بلاول ڀٽو زرداري چونڊ کان هڪ ڏينهن اڳ اوچتو لاڙڪاڻي جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو. هو پاڻ گاڏي هلائيندي مختلف هنڌن تي شهرين سان ملاقاتون ڪندو رهيو

بقايا 21

چيو آهي ته هيلپ لائن نمبر 05111327000 تي ڪال ڪري شڪايت داخل ڪرائي سگهجي ٿي. ترجمان موجب عام چونڊن کي ڏسندي 24 ڪلاڪ هيلپ لائن تي شڪايت داخل ڪرائي سگهجي ٿي.

بقايا 22

سان سياسي پارٽين جو تياريون مڪمل ٿي چڪيون آهن. پاڪستان مسلم ليگ ن جي عام چونڊن لاءِ ڪنٽرول روم قائم ڪري ڇڏيو آهي جتي شڪايتن سميت ٻين معاملن تي نظر رکي ويندي. سينيٽر اسحاق ڊار جي قيادت ۾ قائم ٿيندڙ ڪنٽرول روم جي نگراني انوشا رحمان ڪندي. جڏهن ته قانوني مدد لاءِ ٽيم کي اعظم نذير تارڙ ليڊ ڪندو ان ڏس ۾ اسحاق ڊار جو چيو ته هو سياڻي رات ٻارنهين وڳي تائين چونڊ نتيجن لاءِ پراميد آهن.

بقايا 23

ڪري ڇڏيو ان ڏس ۾ شائستا ڪوسو جو چوڻ هو ته عوام جي بهتري لاءِ پ پ جي حق ۾ هٽ ڪٽڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن چيو ته سندن مقصد ۽ ترجيح عوام جي خدمت ڪرڻ آهي. اسٽيٽ فائونڊيشن جي پوري ٽيم پ پ نمائندن جي سپورٽ ڪندي. سندس چوڻ هو ته پهريان به عوامي مسئلن لاءِ خدمت ڪئي اڳتي به اهو سلسلو جاري رهندو هن چيو ته چونڊن تا هٽ ڪٽڻ واري خبر تي مخالف پروپئگنڊا ڪري رهيا آهن. پ پ اميدوار سيد ناصر شاهه شائستا پاران سندس حق هٽ ڪٽڻ تي سندس ٿورا مڃيا. هن چيو ته شائستا ڪوسو ۽ سندس ٽيم سياسي ۽ سماجي طور تي گهڻي متحرڪ آهي. سندس پ پ جي حق ۾ هٽ ڪٽڻ تي پارٽي جي پوزيشن وڌيڪ مضبوط ٿيندي. ناصر شاهه چيو ته بيا ماڻهو هن وقت وڏيون وڏيون آڇون ڪري رهيا آهن پر شائستا ڪوسو غير مشروط حمايت جو فيصلو ڪيو

بقايا 24

جي ميمبرن سينيٽر رخسانا زبيري، ميڊيا سيل بلاول هائوس جي انچارج سريندر ولاسائي ۽ لال بخش ڀٽو شرڪت ڪئي. شڪايتي سيل جا سمورا ميمبر سياڻي پولنگ جي ڏينهن صبح 8 وڳي کان ڪئمپ آفيس، ميڊيا سيل ۾ موجود هوندا. اجلاس ۾ پولنگ جي ڏينهن جي حوالي سان اليڪشن سيل جي حڪمت عملي کي حتمي شڪل ڏني وئي، تاج حيدر چيو ته پ پ اميدوار ۽ انهن جا پولنگ ايجنٽ ڪنهن به قسم جي رنڊڪ جي صورت ۾ شڪايتي سيل کي آگاهه ڪن. اهي اليڪشن سيل جي ميمبرن سان ٽيليفون نمبرن تي رابطو ڪن.

بقايا 25

حوالي سان درخواستون جمع ڪرائڻ لاءِ ضروري ايس او پيز به جاري ڪيون ويون آهن. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري هدايتن مطابق عوام کي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته اليڪشن ڪميشن سيڪريٽريٽ 10 ۽ 11 فيبروريءَ تي ڪليل رهندي ۽ روٽين جي ٻيهر ڳڻپ بابت درخواستون ڏيندڙن/اميدوارن تحت اليڪشنز ايڪٽ 2017ع جي شق 95 آفيس وقت صبح 8:30 وڳي کان شام 4:30 وڳي تائين وصول ڪيون وينديون. وڌيڪ درخواستن تي اليڪشن ڪميشن ۾ ٻڌڻي 10 ۽ 11 فيبروريءَ تي ٿيندي. پٽيشن جمع ڪرائڻ لاءِ ضروري هدايتون ايس او پيز اليڪشن ڪميشن جي ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ڪيون ويون آهن.

بقايا 26

2302 پوائنٽون وڌيو آهي. بازار ۾ 32 ڪروڙ 75 لک شيئرز جا سودا ٿيا. شيئرز بازار جي ڪاروبار جي ماليت 14.30 ارب رپيا رهي. ان ڪانسواءِ مارڪيٽ ڪيپيٽلائيزيشن 33 ارب رپيا وڌي 9361 ارب رپيا آهي. مارڪيٽ ڪيپيٽلائيزيشن 5 ڏينهن ۾ 284 ارب رپيا وڌي آهي.

بقايا 27

سلطان راجا چئني صوبن جي چيف سيڪريٽريز ۽ آءِ جيز کي فون ڪندي سمورن صوبن ۾ سيڪيورٽي کي هاءِ الرٽ رکڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر هدايت ڪئي آهي ته جلد کان جلد سيڪيورٽي اهلڪارن جي مقرري جي مڪمل ڪيو وڃي. ووٽنگ واري ڏينهن ڊي آر اوز ۽ آر اوز جي آفيس کي سيڪيورٽي ڏني وڃي. ان کان علاوه چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا بلوچستان ۾ دهشتگردي جي واقعن تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي اهڙن واقعن جي فوري تدارڪ لاءِ قدم کڻڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 28

رکندڙ ۽ گهڻ نسلي آهي جنهن ڪيترائي مشهور اديب پيدا ڪيا ۽ علي بابا انهن مان هڪ هو سنڌ جي مشهور ليکڪ علي محمد جيڪو علي بابا جي نالي سان مشهور آهي، جي زندگي ۽ ڪارنامن تي ڪتاب جي مهورت جي موقعي تي ڪتاب "علي بابا جي شخصيت ۽ فن" جي ليکڪ، ڪالم نگار ۽ تعليم واري نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي چيو ته هو پاڻ انهن خوش نصيبن مان آهي جنهن علي بابا کي صوبي جي مختلف شهرن ۾ ڏٺو آهي. هن چيو ته سنڌ هڪ مضبوط ثقافت ۽ تهذيب وارو صوبو آهي ۽ شيخ اياز جو گائيڪو صوبي جي عظيم جديد شاعرن ۾ ٿئي ٿو مدد علي سنڌي چيو ته هن ڪتاب ۾ علي بابا جي شخصيت جي باري ۾ وڌو تفصيل سان لکيو آهي. علي بابا عظيم ليکڪ هجڻ باوجود پنهنجي عظمت کان بي خبر هو هن چيو ته علي بابا جون تحريرون انساني وجود ۽ خودي جي گهرائي کي ظاهر ڪن ٿيون. علي بابا جي ڪمن جي باري ۾ وفاقي وزير چيو ته هن ناول موئن جو دڙو ۽ ڊرامي دنگي منجهه درياءَ جهڙا شاندار ڪم ڪيا. علي بابا جي فن کي لازوال قرار ڏيندي مدد علي سنڌي اميد ظاهر ڪئي ته سندس تحريرن جو اردو، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويندو

بقايا 29

(ف) جو مرڪزي اڳواڻ حافظ حمدالله چمن کان ڪوئيٽا وڃي رهيو هو ته گاڏي تي فائرنگ ڪئي وئي، پوليس ٻڌايو ته حافظ حمدالله قاتلاڻي حملي ۾ محفوظ رهيو.

بقايا 30

حوالو ڏنو ويو آهي. خبرون ڏيندڙ اداري موجب 2024 جي چونڊن ۾ نوازشريف وزيراعظم بڻجندو جيڪو عمران خان کان بهتر وزيراعظم ثابت ٿيندو. دي گارڊين موجب نوازشريف آمريڪا، چين ۽ ڀارت سان لاڳاپا بهتر بڻائي سگهي ٿو جنهن کي اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي دور ۾ سخت نقصان پهتو هو. ٻئي طرف رائل يونائيٽيڊ سروسز انسٽيٽيوٽ نالي برطانوي ٿنڪ ٽينڪ به معيشت ۽ پرڏيهي ملڪن سان لاڳاپن ۾ بهتري جي لاءِ نوازشريف کي پنج سال وزيراعظم ضروري قرار ڏئي ڇڏيو آهي. برطانوي ٿنڪ ٽينڪ پنهنجي تجزين ۾ چيو آهي ته نوازشريف هڪ ڪاروباري ماڻهو آهي جيڪو مارڪيٽن ۽ پاڪستان کي قرض ڏيندڙن کي گڏ رکڻ جي ضرورت کي سمجهي ٿو

بقايا 31

تي نفري مقرر ڪئي وئي آهي. سڄي سنڌ ۾ رينجرز جا 10 هزار اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. ڪراچي ۾ 6 هزار اهلڪار فرض انجام ڏيندا. ڪراچي ۾ ڪوئڪ ريسپانس فورس جا 440 دستا به مقرر ڪيا ويا آهن. ان ڪانسواءِ سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ 392 دستا مقرر هوندا. چونڊن جي موقعي تي رينجرز ۽ پاڪ فوج جا جوان مختلف هنڌن تي گشت به ڪندا. سنڌ ۾ انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز تي جوانن جي مقرري ڪئي وئي آهي.

بقايا 32

ڳڻتي جوڳا آهن. سماجي رابطن جي پليٽ فارم ايڪس تي بيان جاري ڪندي پاڪستان ۾ برطانيه جي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ چيو آهي ته پاڪستان ۾ سياڻي (8 فيبروري) تي ٿيندڙ عام چونڊن جي سلسلي ۾ تياريون جاري آهن ۽ انهي کان اڳ اڄ ٿيندڙ دهشتگردن جا حملا ڳڻتي جوڳا آهن. هن چيو ته مان اهڙن ڌماڪن جي مذمت ڪريان ٿي جيڪي عوام کي ووٽ ڏيڻ کان روڪڻ چاهين ٿا. منهنجون همدرديون متاثر ماڻهن جي پيارن سان گڏ آهن.

بقايا 33

به فارغ ڪري قائم مقام چيئرمين سڪندر مير علي جت کي بحال ڪري ڇڏيو. جڏهن ته نوابشاهه تعليمي بورڊ مان به ڪمشنر کي فارغ ڪري ڊاڪٽر فاروق حسن کي چيئرمين جي عهدي تي بحال ڪيو ويو آهي. ان کان اڳ حيدرآباد تعليمي بورڊ ۽ سکر تعليمي بورڊ مان به ڪمشنرن کي فارغ ڪري قائم مقام ۽ ڊيپوٽيشن تي مقرر چيئرمين بحال ڪيا ويا آهن. جڏهن ته گذريل 12 سالن کان حيدرآباد ۾ او پي ايس تي مقرر قائم مقام ڪنٽرول مسرور احمد زئي ۽ ڊيپوٽيشن تي مقرر بورڊ جو سيڪريٽري شوڪت علي خانزادا، جيڪو ڪاليج ايجوڪيشن سان واسطو رکي ٿو عدالت مان بحال ٿي چڪو آهي. نگران حڪومت سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ اڳوڻي وزير اسماعيل راهو طرفان سفارشي بنيادن تي لڳايل آفيسرن کي هٽائڻ بابت ڪا تياري نه ڪئي ۽ انهن جي جاءِ تي سرچ ڪميٽي ذريعي ميرٽ تي مستقل آفيسرن بدران ڪمشنر لڳايا ويا. اهو ئي حال بورڊز ۽ يونيورسٽين جي ڪاتي جو آهي. جتي مسواڙ جي عمارت ۽ بورڊز ۽ يونيورسٽين جي ڪاتي جي خوبصورت آفيس ٺاهڻ تي ڪروڙين رپيا خرچ ڪيا ويا پر عدالتي معاملن بابت ڪو وڏو آفيسر نه رکيو ويو.

بقايا 34

سيڪيورٽي لاءِ به پلان جوڙيو ويو آهي. 8 فيبروري تي اليڪشن ڪميشن جي سيڪيورٽي بيٺي ڪئي ويندي. اليڪشن ڪميشن ذريعن موجب اسلام آباد پوليس، ايف سي جي واڌو نفري اليڪشن ڪميشن جي سيڪيورٽي لاءِ پهچي وئي. اليڪشن ڪميشن ۾ ايندڙ ان لاڳاپيل ۽ شڪي ماڻهن تي نظر رکي ويندي. چيف اسٽاف ايس پي اليڪشن ڪميشن جي سيڪيورٽي جا سمورا انتظام ڏسندو. چونڊن جي موقعي تي اليڪشن ڪميشن جي اندر ۽ ٻاهر سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويا آهن.

بقايا 35

جو نظام درهم برهم ٿي ويو. ڪراچي ۾ ايم اي جناح روڊ سميت شهر جي مک روڊن تي بدترين ٽريفڪ جام ٿي وئي. ٽريفڪ پوليس ترجمان موجب پوليس جي وڏي نفري اليڪشن ڊيوٽي تي مقرر آهي، جنهن سبب شهر ۾ ٽريفڪ کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن. ترجمان ٻڌايو ته اسان کي ايم اي جناح روڊ سميت ٻين روڊن تي ٽريفڪ جام جون شڪايتون وصول ٿيون آهن.

بقايا 36

سولنگي چيو آهي ته پنهنجي نمائندن جي چونڊ عوام جو حق آهي، اسان عوام سان گڏ بيٺل آهيون. اليڪشن ۾ فيصلو عوام ڪندي. سمورن خدشن ۽ افواهن کي پٺتي رکندي چونڊون ٿي رهيون آهن. چونڊن جي مرحلي تائين پهچندي ڪيترائي مسئلا درپيش هئا پر ڪنهن به سبب جي ڪري اسان جو حوصلو ڪمزور نه ٿيو. پاڪستان جي عوام دهشتگردي جي خلاف ڏکي جنگ وڙهي آهي. ڪير به اسان کي پنهنجي ان جمهوري عمل کان نه ٿو هٽائي سگهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ جي انتظام هيٺ اليڪشن 2024ع جي ڪوريج جي لاءِ ميڊيا ڪوآرڊينيشن اينڊ فيسلي ٽيشن سينٽر جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته چونڊن جي حوالي سان ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪيترائي خدشا هئا. سمورن خدشن ۽ افواهن کي پٺتي رکندي چونڊون منعقد ٿي رهيون آهن. هن چيو ته گذريل سال منهنجي پهرين پريس ڪانفرنس ۾ مون کان پهريون سوال ئي چونڊن بابت ڪيو ويو هو. ان وقت به اهو ئي چيو هو ته هي ملڪ آئيني جمهوريت تحت قائم آهي. آئيني وفاقي پارلياماني نظام اسان جي سياسي نظام جو بنياد آهي. اليڪشن ڪميشن جيڪا تاريخ ڏيندي، ان تحت ئي چونڊون ٿينديون. هن چيو ته جڏهن چونڊن جي تاريخ جو اعلان ٿيو ته اسان مستقل مزاجي سان 8 فيبروري 2024ع تي چونڊون منعقد ڪرڻ جي موقف تي قائم رهياسين. اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته سياڻي صبح جو پولنگ شروع ٿيندي ۽ رات جو چونڊن جي غيرسرڪاري نتيجن جو اعلان شروع ٿي ويندو جڏهن ته حتمي ۽ سرڪاري نتيجا اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جاري ڪندي. هن چيو ته 2008ع ۽ 2013ع ۾ سيڪيورٽي جي صورتحال وڌيڪ خراب هئي. دهشتگردي جا ڪجهه واقعا ڪنهن طور به اسان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ عوام جي حوصلن کي ڪمزور نه ٿا ڪري سگهن. هن چيو ته ميڊيا ڪوآرڊينيشن اينڊ فيسلي ٽيشن سينٽر ۾ بهترين انتظام ڪيا ويا آهن جتي صحافين جي ضرورتن جو خيال رکيو ويندو. هن چيو ته ميڊيا عوام جي ڄاڻڻ جي حق جي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي، اسان هر طرح سان انهن جي مدد ڪنداسين. هن چيو ته چونڊن ۾ هاڻي ڪجهه ڪلاڪ باقي آهن، عوام جو حق آهي ته اهي پنهنجا نمائندا چونڊين، اسان عوام سان گڏ بيٺل آهيون، اليڪشن ۾ فيصلو پاڪستان جي عوام کي ڪرڻو آهي.

بقايا سنڌيار 01

هي ڪيترا ئي دفعا احتجاج ڪيا پر اسڪول جي مرمت ۽ نئين بلڊنگ ناهي ملي سگهي ڳوٺاڻن جون سنڌيار سان ڳالهيون 1995 ۾ تعمير ٿيل اسڪول بلڊنگ جا به ڪمرا ڇت چوديواري سميت مڪمل ختم ٿي چڪو آهي وڏين ڪوششن باوجود ڪنهن به چونڊيل نمائينديءَ زبون حال ٿيل بلڊنگ جو نوٽيس ناهي ورتو ان کان علاوه اسڪول ۾ فرنيچر سميت ڪا به بنيادي سهولت ميسر ناهي جڏهن ته اسڪول ۾ پڙهندڙ سوين معصوم ٻارڙا ۽ ٻارڙيون سخت پريشان آهن ڪنهن به وقت اچانڪ ڪو واقعو درپيش اچي سگهي ٿو ان لاءِ مقامي رهواسين سنڌ حڪومت توڙي ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪندي اپيل جي گهر ڪئي آهي ته مذڪوره اسڪول بلڊنگ جي نئين سر تعمير ڪرائي ڏني وڃي ته جيئن اسڪول ۾ پڙهندڙ معصوم گلن جهڙن ٻارڙن جو مستقبل داءُ تي لڳڻ کان بچي سگهي

بقايا سنڌيار 02

اميدوارن کي ليول پلينگ فيلڊ نه پئي ڏني وڃي چوندي مهر هلاڻ تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن تنهن هوندي به اسان گهر گهر وڃي عمران خان جو پيغام پهچايو آهي اسين حق تي آهيون ان ڪري الله پاڪ جي مدد ساڻ آهي عوام ڀرپور موٽ ملي پئي هاڻ عوام ڪنهن به زور زبردستي ۽ لالچ ۾ نه ايندو ڇاڪاڻ ته عمران خان عوام کي شعور ڏنو آهي ۽ هو ملڪ لاءِ جيل ۾ قيد آهي ووٽر بغير لالچ ۽ ٻرياني جي اسان سان گڏ آهن عمران خان ئي ملڪ ۽ قوم جو روشن مستقبل آهي ان ڪري اڄ عمران خان جو نظريو ۽ سوچ ڪامياب ٿيندي ۽ هنن وڌيڪ چيو ته پي ايس 98 تي ڪنهن به قسم جي ڌانڌلي ٿيڻ نه ڏينداسين ۽ شفاف چونڊن ذريعي ڪامياب ٿي ظلم جو خاتمو آڻينداسين

بقايا سنڌيار 03

فوت ٿي ويئي جڏهن ته 2 ٻارڙا عذير ۽ ٻارڙي عليشا ڪلهوڙو سخت زخمي ٿي پيئي جن کي پريا سٽي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جتي سندن حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻن ٻڌايو ته پيپلز پارٽي جي ورڪ دوران جلسو رٿيل هو جتي ٻارڙا پيٽ تي چڙهي ويا جنهن سبب ڀريان لوهي گيٽ پرسان پلر ڪري ويو بعد ۾ لوهي گيٽ اُرجتو ٻارڙن مٿان ڪري پئي جنهن سبب واقعو پيش آيو اهڙي اطلاع تي سندن گهر ۾ ڪهرام مچي ويو فوتي ۽ زخمي ٻانهن ۾ پاٿرپيڻ ٻڌايا پيا وڃن.

بقايا سنڌيار 04

ڏينهن اڳ ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ شهيدن جي مزارن تي پهچي ويو بلاول ڀٽو زرداري ڪينرو وقت شهيد امڙ محترمه بينظير ڀٽو جي مزار تي ويهي دعائون گهرندو رهيو بلاول ڀٽو زرداري قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بيگم نصرت ڀٽو شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو شهيد شاهنواز ڀٽو امير شيرين بيگم ڀٽو جي مزارن تي حاضريون ڀري گل رکي فاتحه خواني ڪئي ،بلاول ڀٽو ڪارساز سانحي جي 20 گمنام شهيدن جي مزارن تي ٻڻ حاضري ڀري گل رکي فاتحه خواني ڪئي

بقايا سنڌيار 05

به شامل آهن. جن ۾ 16/15 پولنگ اسٽيشنن کي انتهائي حساس قرار ڏئي پاڪ فوج ۽ رينجرز کان مدد وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر ٺٽو جي آفيس ۾ قومي اسيمبلي جي تڪ 225 ۽ صوبائي اسيمبلي جي تڪن 75 ٺٽو 1 ۽ 76 ٺٽو 2 جي 394 پولنگ اسٽيشنن تي پوليس جا اهلڪار سيڪيورٽي جا انتظام سنڀاليندا پولنگ سامان جي ترسيل لاءِ اين اي 225 ٺٽو سميت ٻن صوبائي تڪن پي ايس 75 ٺٽو 1 ۽ پي ايس 76 ٺٽو 2 لاءِ انتظاميه طرفان الڳ الڳ ڪائونٽر ناهيا ويا آهن

بقايا سنڌيار 06

شيرانپور ۾ مختلف آيل معززين حضور بخش مري رحيم بخش ٺهيم فدا حسين ٺهيم طالب جکراڻي مهتاب شاه اصغر چاچڙ مير لياقت رند عاشق حسين بروهي ۽ ٻين معززين جي شرڪت سنلس آيل معززين صوبائي ۽ قومي تڪ تي پ پ اميدوارن کي سپورٽ جو اعلان

بقايا سنڌيار 07

پولنگ اسٽيشنون به شامل آهن. جن ۾ 113 پولنگ اسٽيشنن کي انتهائي حساس قرار ڏئي پاڪ فوج ۽ رينجرز کان مدد وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. جڏهن ته 98 پولنگ اسٽيشنون حساس ۽ 190 پولنگ اسٽيشنون نارمل قرار ڏنيون ويون آهن. خبر موجب ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر ڪشمور جي آفيس ۾ قومي اسيمبلي جي تڪ 191/192 ۽ صوبائي اسيمبلي جي تڪن پي ايس 4 ڪشمور پي ايس 5 ڪنڌڪوٽ ۽ پي ايس 6 تنگواڻي جي 401 پولنگ اسٽيشنن تي پاڪ آرمي. رينجرز ۽ پوليس اهلڪار سيڪيورٽي جا انتظام سنڀاليندا پولنگ سامان جي ترسيل لاءِ اين اي 191/192 سميت ٽن صوبائي تڪن لاءِ انتظاميه طرفان الڳ الڳ ڪائونٽر ناهيا ويا آهن

بقايا سنڌيار 08

ناهي گهٽايو سکر جي پي ايس 24 جي پولنگ اسٽيشن کي پي ايس 25 ني منتقل ڪيو ويو آهي. لڳي ٿو سکر شهر جي مينڊيٽ کي چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. شهرين سان ڌانڌلي نه ٿيڻ ڏبي. جماعت اسلامي ڪئي به ڌانڌلي جي اجازت نه ڏيندي. سکر ۾ اليڪشن ضابطن جي خلاف ورزي ٿي رهي آهي پر اليڪشن ڪميشن خاموش تماشائي بڻيل آهي. پيپلزپارٽي هميشه سنڌ جي مينڊيٽ کي چوري ڪيو آهي. پي ايس 24 جا 10 هزار ووٽ پي ايس 25 ۾ شامل ڪيا ويا آهن. جيڪو فراڊ آهي. اميدوارن جو چوڻ هو ته سکر ۾ خريد و فروخت شروع ٿي وئي آهي. سکر سنڌ جو ٽيون نمبر وڏو شهر آهي. پر هتي جا بنيادي مسئلا حل نه ٿي سگهيا آهن. اسپتالون. اسڪول. روڊ. گليون. سيوريج سسٽم سڀ ناڪاره بڻيل آهن. اليڪشن سبب ڪجهه روڊ ٺهيا آهن باقي شهر تباهي جو شڪار آهي. پيپلزپارٽي جي 15 سالن جي حڪومت سکر شهر کي تباهي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ڪا به معياري اسپتال نه آهي. هتان جو صحت جو نظام تمام خراب آهي اميدوارن چيو ته سکر ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي چڪي آهي. جماعت اسلامي کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيس جماعت اسلامي ٻوڏ دوران عوام سان گڏ بيٺي هئي ٻوڏ ۾ عوام جي خدمت ڪئي. پريس ڪانفرنس ڪندي اميدوارن وڌيڪ چيو ته هنن پاڪستان جي عدليه سميت پاڪستاني ادارن کان مطالبو ڪيو ته سنڌ جي عوام کي پيپلز پارٽيءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي چونڊن جي آخري مرحلي ۾ جنن تعلقن کي ضم ڪري هڪ حلقو ناهيو ويو شهر جا حلقا تبديل ڪيا ويا ته جيئن اسان جا ووٽر پريشان ٿين. شهر کي ورهايو پيو وڃي ۽ عوام جي مينڊيٽ تي ڌاڙو ڪئي وئي، پي ايس جي اليڪشن ڪميشن اوچتو تڪبندين کي تبديل ڪري ڊي آر او طرفان نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي جنهن ۾ شهري آبادي جا ووٽ شامل ڪيا ويا آهن

بقايا سنڌيار 09

پوليس مٿان ٻي ڌر کان رشوت وٺي گرفتار نه ڪرڻ جو الزام، پتا برادري جي ٻاٿرن وڪيل پتو ۽ خليل پتو اسان جي نياڻي سان جنسي زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ جوابدارن جي ڌر اسان جي گهرن تي ڪاهه ڪري اسان جي ٻن عورتن سميت 6 ڄڻن کي زخمي ڪري ورتو آهي. پوليس به اسان جي مدد ڪرڻ بدران ٻاٿرن جو ساٿ ڏئي رهي آهي. اڳواڻ تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ريجهو ڳوٺ ڊرنگ ملوڪ والي ۾ پتا برادري جي 16 سالا نياڻي صائمه ڌي محمد يعقوب پتو سان زيادتي جي ڪوشش ڪئي ۽ نياڻي کي فصل ۾ وٺي ويا ته نياڻين جي رڙين تي جوابدار فرار ٿي ويا. جنهن بعد ٻنهي ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو. جنهن بعد نياڻي واري ڌر جي عورتن مائي سدره، مائي ذواليخان، محمد يعقوب، راشد، اسامه، سعود افضل پتو سميت 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا. جڏهن ته زخمين کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو جنهن بعد نياڻي واري ڌر ٻاٿران جوابدار ڌر خلاف احتجاج ڪيو ويو ۽ ٻيلو ميرپور پوليس مٿان ٻي ڌر کان رشوت وٺي گرفتار نه ڪرڻ جو الزام هنيو ان موقعي تي پتا برادري محمد ايوب، محمد صديق، گل محمد پتو، محمد يعقوب پتو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پتا برادري جي ٻاٿرن وڪيل پتو ۽ خليل پتو اسان جي نياڻي سان جنسي زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ جوابدارن جي ڌر اسان جي گهرن تي ڪاهه ڪري اسان جي ٻن عورتن سميت 6 ڄڻن کي زخمي ڪري ورتو آهي، پوليس به اسان جي مدد ڪرڻ بدران ٻاٿرن جو ساٿ ڏئي رهي آهي، هنن وڌيڪ چيو ته جوابدار ٻاٿر هجڻ ڪري اسان

ڪي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ توڙي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هنن ايس ايس پي گهوٽڪي کان انصاف جو مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 10

ڪاميابي لاءِ پراميد آهي. دادو ضلعي جي چئن تعلقن جوهي، ڪي اين شاه، ميهڙ، دادو ۾ اليڪشن مهم آخري مرحلن ۾ داخل وڏا وڏا ڇهرا پريشان حال ٿي ويا. دادو ضلعي جو فاتح ڪير هوندو 48 ڪلاڪ اهم ڪرار هر طرف ووٽ پڪڙ لڳي پئي آهي. دادو شهر سميت پوري ضلعي اندر اليڪشن ماحول آخري پساهن ۾ دادو جي صوبائي تڪ 82 تي پيپلزپارٽي اميدوار پير مجيب الحق، جي ڊي اي جي عاشق زئور ۽ آزاد اميدوار ذوالفقار ملاح وچ ۾ وڏو مقابلو ٿيندو. دادو جوهي جي قومي تڪ 228 تي جي ڊي اي جو ڪريم جتوئي ۽ پي پي جي رفيق جمالي ۽ آزاد اميدوار ذوالفقار ملاح وچ ۾ چوٽي جو مقابلو ٿيندو. جوهي جي صوبائي تڪ پي ايس 83 تي پ پ جو صالح شاه،جي ڊي اي جو امداد لغاري، آزاد اميدوار سردار ياسر خان ٻهر ۽ ايم اين اي اميدوار رفيق احمد جمالي جي پائي پريل خان جمالي ٻڻ جوهي جي صوبائي تڪ تي ميدان تي لٿل آهن. ميهڙ جي صوبائي تڪ 81 تي پي پي جي فياض ٻٽ ۽ جي ڊي اي جي لياقت جتوئي وچ ۾ ڪانٽي جي مقابلي جو امڪان آهي. ڪي اين شاه ميهڙ جي قومي تڪ 227 تي پي پي جو عرفان ظفر لغاري ۽ جي ڊي اي جو لياقت علي جتوئي، آزاد عورت اميدوار شبانه نواب وچ ۾ ٻڻ مقابلي جي هلچل متل آهي. ڪي اين شاه جي صوبائي تڪ 80 تي پي پي جو عبدالعزيز جوڻيجو ۽ جي ڊي اي جو ڪريم جتوئي وچ ۾ مقابلي جا وڏا امڪان آهن.عوام ٻڻ هن واري تبديلي جو خواهشمند نظر اچي رهيو آهي. اڄ 8 فيبروري ڪنهن جي فتح جو ڏينهن هوندو اوهاڻي دادو ضلعي جي عوام پنهنجي ضمير جو فيصلو ڪندي.دادو ضلعي اندر 8 فيبروري تي جنرل اليڪشن ۾ دادو ضلعي جي چئن تعلقن جا 9 لک 30 هزار 473 ووٽر موجود آهن جنهن ۾ 5 لک 663 مرد ووٽر ۽ 4 لک،29 هزار 810 عورتن جا ووٽ شامل آهن.جڏهن ته دادو ضلعي اندر 670 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيون ويون آهن جنهن ۾ 150 حساس ۽ 156 انتهائي حساس،364 نارمل پولنگ اسٽيشن شامل آهن دادو ضلعي اندر انتهائي حساس پولنگ تي 700 سي سي ٽي وي ڪئميراڻون نصب ڪيون ويون آهن جڏهن ته دادو ضلعي اندر سيڪيورٽي امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ لاءِ 43020 پوليس اهلڪار،400 پاڪ فوج جا جوان ۽ ٻين ڪاتن جي 493 ملازمن کي مقرر ڪيو ويو آهي،دادو ضلعي ۾ 171 مرد پولنگ ۽ 164 عورتن جي پولنگ ۽ 338 گڏيل پولنگ شامل آهن. هنگامي صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ 500 کان وڌيڪ اهلڪارن کي الرٽ رهڻ جو هدايتون جاري ڪيون ويون آهن.

بقايا سنڌيار 11

پوليس سائيٽ ايريا واري علائقي ۾ ڪاروائي ڪري ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايل مک جوابدار هريش ڪمار کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو ويو فراڊ ڪيس ۾ گرفتار جوابدار هريش ڪمار کي سکر جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جاچ آفيسر عدالت کي استدعا ڪئي ته جوابدار کي ٽن ڏينهن جي جسماني رماند تي پوليس حوالي ڪيو وڃي، عدالت جوابدار جي وڪيل جي درخواست تي جوابدار هريش ڪمار کي جوڊيشل رماند تي سينٽرل جيل سکر اماڻي ڇڏيو آهي واضح رهي ته ڄاڻايل ٻنهي جوابدارن هريش ڪمار ۽ هميش ڪمار خلاف آباد ٿاڻي تي ڪجهه ڏينهن اڳ شهري سريش ڪمار جي فرياد تي 70 لک روپين جو جعلي چيڪ ڏيڻ جي فراڊ وارو ڪيس داخل ڪيو ويو هو

بقايا سنڌيار 12

جي وارثن ٻاران ٺٽو/ سجاول ٻاءِ پاس تي هڪ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري بدين، سجاول، ٺٽو، ڪراچي ۽ حيدرآباد ويندڙ ٽرئفڪ کي معطل ڪندي چيو ته ٺٽي ۾ بدامني جي باهه ڀڙڪي پئي اهي ڪو شهري ۽ ڳوٺاڻو ڌوهارين کان محفوظ بڻيل ناهي، هنن چيو ته ڏينهن ڏٺي نعمان سمون کان 21 لک روپيه هٿياربند ڦورو ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن، پر حد جي پوليس خاموش تماشائي بڻيل اهي، جيڪا ڌوهارين خلاف ڪا ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جيڪي ديدهه دليري سان عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦري ڪنگال بنائي رهيا آهن. هنن گهر ڪئي ته فورن هول سيل جي واپاري نعمان سمون کان ڦر ڪيل 21 لک روپيه واپس ڏياري ڌوهارين کي گرفتار ڪري شهرين، واپارين ۽ ڳوٺاڻن کي تحفظ مهيا ڪري امن امان جي صورتحال بهتر ڪئي وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 13

تعاون سان غزڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، ڪانفرنس ۾ وڪيلن، شهرين، علماءِ ڪرام ني ايل پي صدر ضلع دادو علامه راشد رضوي، علامه سعد احمد بروهي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، مهمان خاص غز ترجمان جلال محمود الفرا هو مهمانن جو استقبال گلن سان ڪيو ويو. مقررين خطاب ڪندي چيو ته اسان مظلوم فلسطيني عوام سان گڏ آهيون. فلسطيني مسلمانن جي نسل ڪشي بند ڪري عالمي ليول تي فلسطيني ماڻهن مٿان اسرائيل جي بربريت ۽ ظلم خلاف اقوام متحد قرارداد منظور ڪري فلسطن مان اسرائيل جو قبضو ختم ڪيو وڃي، مهمان خاص غز ترجمان جلال محمود الفرا چيو ته هتي اچي خوشي ٿي آهي، سنڌ جا ماڻهون مظلوم فلسطيني عوام سان محبت ڪن ٿا ۽ سندن مالي مدد ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهن ٿا. آرگنائيزر محمد عمران خان پنهور غز ترجمان جلال محمود الفرا کي امدادي چيڪ ڏنو ڪانفرنس ۾ فلسطيني شهيدن لاءِ دعاءِ مغفرت گهري وئي ،

بقايا سنڌيار 14

ڪامپليڪس جي احاطي ۾ مقرر ڊسپيچ پوائنٽ تان ضلعي ۾ مقرر تمام پولنگ اسٽيشنز جي لاءِ سامان جي ورهاست وارو عمل جاري آهي جنهن ۾ ضلعي جي هڪ قومي ۽ ٻن صوبائي تڪن تي ٿيندڙ اليڪشن لاءِ ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ ڪل رجسٽرڊ مرد ۽ عورت ووٽرس جو تعداد 3 لک چوونجاهه هزار 444 آهي . جڏهن ته ضلعي اندر ٽوٽل 298 پولنگ اسٽيشن مقرر ڪيون ويون آهن جن ۾ 23 نارمل ، 192 کي حساس ۽ 83 پولنگ اسٽيشن کي انتهائي حساس قرار ڏنو ويو آهي . جنهن جي سيڪيورٽي جا فرائض انجام ڏيڻ لاءِ 1700 پوليس 200 آرمي ۽ 150 رينجرس جي اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 15

اسٽيشنن جو جائزو ورتو ضلعي دادو ۾ لا ايند آرڊر برقرار رکڻ لاءِ پوليس، آرمي ۽ رينجرز جو گڏيل فليگ مارچ شهرن ۾ ڪيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 16

ئي ڏنا ويندا آهن ننڍين وڏين گاڏين ۽ رڙهن وارن جي ٻيهڻ سبب صبح کان منجهد تائين روڊ بند رهندو آهي جنهنڪري شهري ۽ اسڪول ويندڙ شاگرد تمام گهڻو پريشان ٿيندا آهن خاص طور تي اسڪول ويندڙ نياڻين کي وڏي اذيت برداشت ڪرڻي پوندي آهي ڪافي عرصي کان معاملي جي حوالي سان ميڊيا پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي پر سبزي منڊي مالڪ بااثر هجڻ ڪري منڊي شهر کان ٻاهر شفٽ نه ٿي سگهي آهي ماتلي جي ساجاه وندن ۽ شهري ٻاران ڊي سي بدين سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته ماتلي وچ شهر مان سبزي منڊي ٻاهر شفٽ ڪري شهرين ۽ اسڪولي شاگردن کي تڪليف مان نجات ڏياري وڃي

بقايا سنڌيار 17

انصاف فراهم ڪيو وڃي زخمي حالت ۾ گرفتار نوجوان رياض جويو جي وارثن جويا برادري جي مرد ۽ عورتن جو هٿن ۾ قرآن پاڪ کڻي احتجاج، منصور جويو اجالا خاتون، زرينه خاتون، هير، مقصوده جويو ۽ ٻين سوين ماڻهن رتوديرو گوادر قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻيو ڌرڻي سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان گاڏين جون ڊگهيون قطارون بيهجي ويون، پوليس جي مبينا مقابلي ۾ زخمي ٿيل رياض جويو جي وارثن ميڊيا اڳيان ڏاهينڊي چيو ته سيانچ ۽ جويا برادري جو پاڻ ۾ پراڻو تڪرار هلندڙ آهي ان تان عزيز سيانچ ۽ اي ايس آءِ غلام مصطفيٰ جتوئي اسان جي نوجوان کي روڪي موٽرسائيڪل تان لاهي بلاجواز گولي هڻي زخمي ڪيو آهي جيڪو هن وقت مرٽينگ حالت ۾ آهي، اسان جو نوجوان نه چور آهي ۽ نه ئي ڦورو آهي . هنن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻي کان مطالبو ڪيو ته اسان سان

ٽيندڙ ناانصافي جو نوٽيس وٺي انڪوائري ڪرائي وڃي. ٻئي پاسي ايس ايڇ او محمد صديق بروهي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته جويا برادري جا ماڻهون پوليس تي الزام لڳائي رهيا آهن ڦر دوران ڌوهارين سان گڏيل رات پوليس مقابلو ٿيو هو جنهن ۾ زخمي حالت ۾ رياض جويو کي گرفتار ڪيو ويو آهي ان تي رتوديرو ٿاڻي سميت ڪراچي جي ٿاڻن ۾ به ڪيترائي چوري ۽ ڦرجا ڪيس داخل ٿيل آهن.

بقايا سنڌيار 18

رات 6 هٿياربندن ٻهاڙن مان ٻهر ڪٽي ايندڙ سوراهه ٿاڻي جي حد راز محمد ديرو پرسان ٽريڪٽر ڊرائيور وحيد بگٽي کي يرغمال بڻائي سندس مٿان تشدد ڪري ٽريڪٽر پئسا موبائيل فون ڦري فرار ٿي ويا

بقايا سنڌيار 19

شازيه مري جو مقابلو جي ڊي اي جي محمد خان جوڻيجو سان ٿيندو. جڏهن ته اين اي 210 تي پ پ جي علاؤ الدين جوڻيجو ۽ پي ايس 40 تي فنڪشنل مسلم ليگ جي ساره بانو مقابلو ڪندي. جڏهن ته ڪي جي نويد ديرو جي غلام دستگير سان مقابلو ٿي رهيو آهي. پي ايس 41 تي جي ڊي اي جو اميدوار علي حسن هنگورجو ۽ پي ايس 42 تي جي ڊي اي جي قاضي شمس الدين راڄپر جو مقابلو پيپلزپارٽي جي جام شبير علي خان سان ٿيندي. پي ايس 43 تي پ پ اميدوار جام نفيس علي خان ۽ جي ڊي اي جو پارس ڏيرو وچ ۾ مقابلو آهي. پي ايس 44 تي پ پ اميدوار نياز علي خان، پ پ جي شاهد ٿهيم ۽ جي ڊي اي اميدوار محمد بخش خاصخيلي، 451 پولنگ اسٽيشنن کي حساس قرار ڏئي رينجرز ۽ فوج حوالي ڪيو ويو آهي، جتي ڪيمرائون لڳايون ويون آهن. سيني کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڊي سي آفيس ۾ ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 20

جڏهن ته اين اي 227 تي ڪل آبادي 900534 آهي جڏهن ته رجسٽرڊ ووٽرس جو تعداد 479411 آهي اين اي 227 تي ٽوٽل پولنگ اسٽيشن جو تعداد 333 آهي جن مان انتهائي حساس پولنگ اسٽيشن 95 حساس پولنگ اسٽيشنن 73 ۽ نارمل پولنگ اسٽيشن جو تعداد 165 آهي ميهڙ جي صوبائي تڪ پي ايس 81 جي ڪل آباد 441905 آهي جڏهن ته رجسٽرڊ ووٽرس جو تعداد 223866 آهي ۽ ٽوٽل پولنگ اسٽيشن جو تعداد 158 آهي جن مان انتهائي حساس 50. حساس پولنگ 34 ۽ نارمل پولنگ اسٽيشن جو تعداد 74 آهي هوڏانهن هر هڪ پولنگ اسٽيشن تي هڪ پرزائيڊنگ آفيسر 7 اسسٽنٽ پرزائيڊنگ ، 3 پولنگ آفيسر مقرر ٿيل آهن جڏهن ته هر هڪ پولنگ اسٽيشن تي هڪ اي ايس آءِ سميت چار پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو آهي ۽ انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنن تي هڪ آرمي ۽ رينجرس اهلڪار کي ٻڻ مقرر ڪيو ويو آهي هوڏانهن پولنگ عملي کي سامان ڏيڻ ۽ سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر ڊي سي دادو فياض حسين راهوجو، ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار آرمي آفيسرن سان گڏجي ميهڙ جي مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج اليڪشن آفيس سميت شهر ۾ موجود مختلف پولنگ اسٽيشن جو جائزو ورتو جڏهن ته ڊي آر او ، ڊي سي دادو ميهڙ ۾ ريٽرننگ آفيسرن کان عملي کي سامان ۽ ٽرانسپورٽ بابت تفصيل ورتا ۽ ايس ايس پي دادو ٻاران امن امان بحال رکڻ لاءِ مقرر پوليس آفيسرن کي سختي سان هدايتون ٻڻ جاري ڪيون ويون آهن

بقايا سنڌيار 21

ايس خيرپور. تفصيل موجب سڳيون پرسان محمود چنڊ ٿاڻي جو اغوا ڄاڻايل پوليس اهلڪار ارشاد علي ٻهليم کي هڪ هفتو گذري وڃڻ باوجود اڃان تائين بازياب نه ٿي سگهيو وارثن رياض علي ٻهليم ۽ ٻين جي ايس ايس پي خيرپور سان ملاقات ڪئي ان موقعي تي ايس ايس پي خيرپور وارثن کي يقين ڏهاني ڪرائيندي چيو ته اهلڪار ارشاد ٻهليم لاءِ جلد تحرڪ وٺي بازياب ڪرايو ويندو. واضح ڪندوهلان ته هڪ هفتو اڳ ارشاد علي ٻهليم پگهار وٺڻ لاءِ گمبٽ بئنڪ تي ويو هو. جنهن وارثن کي فو ڪري ٻڌايو ته آءٌ پنهنجي عاقل دوستن جي دعوت تي وڃي رهيو آهيان. جنهن کان پوءِ سنڌس جو مسلسل نمبر بند ٿي ويو ۽ اوچتو هڪ ڏينهن پنهنجي نمبر تان ڀاڻ ڀاءُ کي ڪال ڪئي ته مان ڌاڙيلن جي قيد ۾ آهيان ۽ هو هڪ ڪروڙ رپيا پنگ گهري رهيا آهن. جلد هڪ ڪروڙ روپين جو بندوبست ڪري مونکي بازياب ڪرايو. جنهن کان پوءِ سنڌس جو ڪو به ڏس پتو ناهي. وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 8 ڏينهن گذري ويا آهن پر سنڌس گهر ۾ روڄ راڙو متل آهي . هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين کي اپيل ڪئي ته اسان کي اغوا ٿيل ارشاد ٻهليم بازياب ڪرائي ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 22

جائزو ورتو. دوري جي دوران سپرنٽينڊنگ انجنيئر بلڪ غلام مصطفيٰ مگڻ ۽ ٻيا عملدار ساڻس گڏ هئا. ان موقعي تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن لاڳاپيل اختيارين کي مرمتي ڪم کي هنگامي بنيادن تي مڪمل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪندي چيو ته حب ڪئنال مان شهر کي پاڻي جي فوري فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن شهرين کي ڪنهن به قسم جي پريشاني کي منهن ڏيڻو نه پوي. دوري جي موقعي تي سپرنٽينڊنگ انجنيئر بلڪ سي اي او واٽر ڪارپوريشن کي حب ڪئنال جي مرمتي ڪم بابت آگاهي ڏيندي چيو ته حب ڪئنال جي مرمت جو ڪم تيزي سان جاري آهي جيڪو اڄ رات تائين مڪمل ڪيو ويندو ۽ سڀاڻي شام کان ضلعي اولهه ۽ ضلعي ڪياماڙي ۾ حب ڪئنال مان پاڻي جي فراهمي معمول جي مطابق شروع ڪئي ويندي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ضلعي اولهه ۽ ضلعي ڪياماڙي ۾ ڪي ٿري جي متبادل لائين مان پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي. ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب سي اي او واٽر ڪارپوريشن جي دوري جو مقصد 24 ڪلاڪ ڪم ڪندڙ آفيسرن، ملازمن ۽ ٺيڪيدار جي حوصلا افزائي ڪرڻ آهي ڇاڪاڻ ته 4 فيبروري کان واٽر ڪارپوريشن جا آفيسر ۽ ملازم ڪئنال تي موجود رهندي بغير ڪنهن وقفي جي مسلسل 24 ڪلاڪ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن ۽ لاڳاپيل چيف انجنيئر، سپرنٽينڊنگ انجنيئر ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر ذاتي طور تي مرمت جي سمورن ڪمن جي نگراني ڪري رهيا آهن. ترجمان چيو ته ڀريان ڪئنال مان پاڻي جي دٻاءُ کي روڪڻ لاءِ حب ڊيم مان پاڻي کي بند ڪري ڊي واٽرنگ پمپس لڳايا ويا هئا ته جيئن مرمت جو ڪم جلد مڪمل ٿي سگهي جنهن بعد ڪئنال کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پٿر لاٿا ويا جنهن مان گهارو پيل جڳهه کي پٿر جي پچنگ ۽ را متيريل سان مڪمل طورتي مضبوط فلنگ ڪئي ويئي آهي ۽ هاڻي گهارو پيل جڳهه تي آر سي سي جو ڪم تيزي سان جاري آهي. ترجمان وڌيڪ چيو ته هن سموري عمل کي مڪمل ٿيڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ها پر سي اي او واٽر ڪارپوريشن شهرين جي پريشاني کي نظر ۾ رکندي ۽ سندس ذاتي دلچسپي سبب اهو عمل جلد مڪمل ڪيو پيو وڃي، واضح رهي ته تيز برسات ۽ حب پمپنگ اسٽيشن تي بجلي جي اچانڪ بريڪ ڊائون سبب ڪراچي جي پاڻي فراهم ڪندڙ حب ڪئنال ۾ گهارو پئجي ويو هو

بقايا سنڌيار 23

خطاب ڪندي سيد اسد شاهه جو چوڻ هو ته جيلاني خاندان هميشه تڪ جي عوام جي خدمت ڪئي آهي. تعليم ۽ صحت سميت ڪيترين ئي سهولتون پاڪستان پيپلزپارٽي جي دور حڪومت ۾ مليون. مخالفن وٽ نه ڪو منشور آهي نه ئي وري انهن ماضي ۾ خيرپور ضلعي اندر ڪا به سهولت ڏني آهي. پراميد آهيون ته هميشه جيان هن ڀيري به اين اي 202 ۽ پي ايس 26 جو عوام اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جيلاني ۽ اڳوڻي ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاني کي پنهنجو قيمتي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪرائيندا. ان موقعي تي ٽائون چيئرمين سيد محمد شاهه رضوي، وائس چيئرمين ظفر خان مستوئي، پاڪستان پيپلزپارٽي. عرفان شاهه اڳواڻ علي عباس ياسين شاهه شاهد شاهه شاهه لياقت رحمان شاهه شاهه ورو منور شيخ فرمان شاهه عرفان انصاري راشد شيخ عمران مستوئي ياسر شاهه ڪامران پٺي راڄا خان جتوئي ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 24

پنهنجي 55 سالا گهرواري گلشن وسير جو تيز ڌار اوزار سان گلو ڪپي ڪيس قتل ڪري ڇڏيو واقعي بعد وحشي مڙس باآساني فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. مقتوله ناري جرمڙهه تعلقه اسپتال گهوٽڪي ۾ آندو ويو جتان ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو رابطو

بقايا سنڌيار 43

علي خان سان ٿيندو. پي ايس 43 تي پ پ اميدوار جام نفيس علي خان ۽ جي ڊي اي جو پارس ڏيرو وچ ۾ مقابلو آهي. پي ايس 44 تي پ پ اميدوار نياز علي خان. پ پ جي شاهد ٿهيم ۽ جي ڊي اي اميدوار محمد بخش خاصخيلي، 451 پولنگ اسٽيشنن کي حساس قرار ڏئي رينجرز ۽ فوج حوالي ڪيو ويو آهي، جتي ڪيمرائون لڳايون ويون آهن. سيني کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڊي سي آفيس ۾ ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويندو.

شاهنواز ڀٽو امير شيرين بيگم ڀٽو جي مزارن تي حاضريون ڀري گل رکي فاتحه خواني ڪئي ،بلاول ڀٽو ڪارساز سانحي جي 20 گمنام شهيدن جي مزارن تي ٻڻ حاضري ڀري گل رکي فاتحه خواني ڪئي

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل بلڊنگس ڊويزن هيلٿ ورڪس (لوئر سنڌ) حيدرآباد

Xenpbdhls@gmail.com
No./XEN/PBDHLS/105/OF 2024
Hyderabad, Dated: 07-02-2024

(پروپوزلز لاءِ ڪوٽ)

ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل بلڊنگ ڊويزن هيلٿ ورڪس (لوئر سنڌ) حيدرآباد هيٺ ڏنل ADP اسڪيمن لاءِ فزيبلٽي اسٽڊي ۽ تفصيلي ڊيزائننگ لاءِ مشهور ۽ تجربيڪار ڪنسلٽنگ فرمز جون خدمتون حاصل ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو جن لاءِ قاعدن تحت "پروپوزلز لاءِ ڪوٽ" (RFPs) کي دعوت ڏني وڃي آهي. سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 جو 15(2) (b) ۽ 72(3) (تاريخ تائين ترميم ٿيل).

ايس. نمبر	اي ڊي پي نمبر	پروجيڪٽ جو نالو	بڊ سيڪيورٽي
1	1363 2023-24	"لاڙڪاڻو جي 150 بسترن واري اسپتال جي تعمير" جي فزيبلٽي اسٽڊي ۽ ڊيزائننگ	وارڪ لاڳت جو 5٪
2	1364 2023-24	فزيبلٽي اسٽڊي ۽ ڊيزائننگ آف سنڌ گورنمينٽ انور پراچا اسپتال گائنيڪالوجي اوبسٽٽرڪ سروسز ايٽ سکر جي بيهر تعمير	وارڪ لاڳت جو 5٪
3	1365 2023-24	فزيبلٽي اسٽڊي ۽ ڊيزائننگ "سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪولر ڊيزيز نوابشاهه شهيد بينظير آباد ۾ قائم ٿيڻ"	وارڪ لاڳت جو 5٪

"مشاورتي خدمتن جو دائرو"

هيٺين دائري لاءِ مشاورتي خدمتون گهربل/شامل هونديون. پرائما فيڪي ۾ هيٺ ڏنل تفصيلن جي دائري کي ظاهر ڪرڻ گهرجي پر صرف هيٺين تائين محدود نه آهي

1. ضرورت جو جائزو ۽ تفصيلي انجنيئرنگ سروي ڪيا ويندا جن ۾ سائيٽ جي تفصيلي سروي، اسڪيم جي فزيبلٽي ۽ جيو ٽيڪنيڪل تحقيقاتي رپورٽن ذريعي زمين جي فزيبلٽي شامل هوندي (مٽي جي تحقيقاتي رپورٽن جون 4 ڪاپيون پيش ڪيون وينديون). تفصيلي انجنيئرنگ سروي جنهن ۾ تحقيق سروي، زمين جي پوزيشن ۽ عمارت جو منهن ۽ اسڪيم جي جڳهه جي فزيبلٽي شامل آهي.
2. ماسٽر پلان جي تياري، جنهن ۾ شامل هوندو سائيٽ منصوبا/ ترتيب جا منصوبا، بلندي، تفصيلي آرڪيٽيڪچرل منصوبا/ ڊيزائن/ ڊرائنگ سان 3_D ڏيک ۽ ماڊل، تفصيلي ساخت جي ڊيزائن/ ڊرائنگ، ميڪيڪل، اليڪٽريڪل ۽ پلمبنگ (MEP) ڊيزائن/ ڊرائنگ، مڪمل ڊيزائن جي وضاحت ۽ ڊرائنگ لاءِ لفٽ/ HVAC ڪم ۽ ٻين اسپتالن سان لاڳاپيل ڊرائنگ مڪمل تفصيل سان ڪلائنٽ يا صلاحڪارن طرفان مناسب سمجهي وئي. (ڊزائن کي اقتصادي ۽ پائيدار ماحول دوست هجڻ گهرجي).
3. بجلي جي اندروني روڊن/ ڪار پارڪنگ لاٽ سميت مختلف شين جي منصوبابندي، گڏوگڏ رستا، واٽر سپلاءِ، سيوريج سسٽم، اسٽام ڊرين ۽ لينڊ اسڪيپنگ، معياري وضاحتن جي طور تي حڪومت پاران ساڳين اسڪيمن لاءِ منظور ڪيل معيار.
4. معيار جي مطابق باهه جي روڪٿام . باهه جي حفاظت ۽ زندگي جي حفاظت جي قدمن جي ڊيزائن.
5. منصوبي جي تفصيلي BOQ (سول ڪم) جي تياري ۽ لاڳت جي تخميني سان گڏ.
6. PC_I جي تياري
7. ماحولياتي اثر جو جائزو (EIA) جيڪڏهن پروجيڪٽ EIA لاءِ اهل آهي
8. سماجي تجزيو
9. طبي سامان جي منصوبه بندي
10. انساني وسيلن جي منصوبه بندي
11. بار بار خرچ جو تخمينو
12. ٻيا لاڳاپيل سامان / گاڏين جي رٿابندي
13. بااختيار اختيارين کان ڊزائن / ڊرائنگ جي منظوري حاصل ڪرڻ
14. بڊنگ دستاويزن جي تياري

1. جمع ڪرائڻ جي آخري حد: فزيبلٽي اسڪيم لاءِ تجويز ڪيل آر ايف پي دستاويزن تي تجويزون، جن ۾ 02 سيل ٿيل لفافن ۾ واضح طور تي ٽيڪنيڪل پروپوزل جو ذڪر ڪيو ويو آهي (03 ڪاپيون) ۽ مٿي ذڪر ڪيل اسڪيمن جو مطالعو ۽ ڊزائين ڪرڻ لاءِ سيل ٿيل الڳ لفافن تي سرمائيداري خطن ۾ هر مالياتي پروپوزل لاءِ، اصل سيڪيورٽي ۾ پي آرڊر جي شڪل / ڊيمانڊ ڊرافٽ / بينڪ گارنٽي شيڊول بينڪ آف پاڪستان طرفان جاري ڪيل گهٽ ۾ گهٽ اٺاويهه (28) ڏينهن لاءِ صحيح صحيح آهي بلي جي صحيح مدت کان وڌيڪ (يعني: 90 ڏينهن) مالي بڊ ۽ فوٽو ڪاپي ۾ منسلڪ ٽيڪنيڪل بڊ ۾ ختم ڪيل رقم سان گڏ ۽ سڀني گهربل دستاويزن سان گڏ. 29 فيبروري 2024 تي يا ان کان اڳ 11:00 وڳي PST تي هيٺ ڏنل ايڊريس تي پهچڻ گهرجي. ٽيڪنيڪل پروپوزل کي عام طور تي سڀني بولڊرن يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ کوليو ويندو جيڪي ٽيڪنيڪل بڊ جي افتتاح ۾ شرڪت ڪرڻ چاهيندا آهن ساڳئي ڏينهن يعني 29 فيبروري 2024 صبح 11:30 PST تي. ڪنهن به ڪميٽي ميمبر جي غير موجودگي جي صورت ۾. يا سرڪاري موڪل جو اعلان. بوليون ايندڙ ڪم واري ڏينهن تائين وصول ڪيون وينديون ۽ ساڳئي ڏينهن تي کوليون وينديون.
2. قابليت جو معيار: امڪاني بولڊرز (انفرادي مشاورتي فرم يا انهن جو ڪنسورشيم. جيئن ته صورت هجي) لازمي طور تي اهليت، ٽيڪنيڪل تشخيص جي معيار، ۽ ٻين شرطن ۽ شرطن کي پورا ڪرڻ گهرجن جيئن معاون دستاويزن سان گڏ RFP دستاويزن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.
3. بڊنگ جو عمل: بولي ۽ جو عمل قومي مقابلي واري بڊنگ ذريعي ڪيو ويندو معيار ۽ قيمت تي ٻڌل چونڊ جو طريقو استعمال ڪندي جيئن ته SPP قاعدن جي قاعدن 15 (2)((b ۽ 72(3) تحت بيان ڪيو ويو آهي ۽ سيني اهل بولرن لاءِ کليل آهي. اهو معاهدو هڪ اهڙي بولي ڏيندڙ کي ڏنو ويندو جنهن جي بولي تمام گهڻي فائدي واري بيڊ جي طور تي ملي ويندي. يعني: RFP دستاويزن ۾ مقرر ڪيل معيارن تي عمل ڪندي اعليٰ گڏيل وزني ٽيڪنيڪل ۽ مالي سڪور حاصل ڪرڻ. مجاز اٿارٽي جي منظوري سان مشروط.

امڪاني بولڊر وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهن ٿا RFP دستاويزن جي ادائيگي تي. 2000 پي آرڊر جي صورت ۾ / ڊيمانڊ ڊرافٽ / جمع تي ڪال 13 فيبروري 2024 کان 28 فيبروري 2024 تائين آفيس دوران يا ته جسماني طور هيٺ ڏنل ايڊريس تان يا /www.ppms.pprasindh.gov.pk تان ڊائون لوڊ ڪندي. پي پي ايم ايس. خريداري واري ايجنسي کي SPP رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن سان مشروط ڪنهن به يا سڀني بولين کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي. جيڪا اڄ تائين ترميم ڪئي وئي آهي ۽ SPP قاعدن جي ضابطن 25 جي شرطن ۾ هڪ بولي جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت بڊنگ جي عمل کي رد ڪري سگهي ٿي .

ائڊريس:
آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراوونشل بلڊنگ ڊويزن هيلٿ ورڪس (لوئر سنڌ) حيدرآباد. ڊائريڪٽر ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن آفيس. شهباز بلڊنگ. ٺڏي سڙڪ. حيدرآباد.
ٽيليفون: # 0222781889

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پراونشل بلڊنگس ڊويزن
هيلٿ ورڪس (لوئر سنڌ)
حيدرآباد

INF/KRY#339/2024

پڙهندي سنڌ ته...... وڌندي سنڌ